روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) جمعو 24 مارچ 2023ع بمطابق 02 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 300

عمران خان هن وقت ملڪ خلاف خطرناڪ سازشن ۾ مصروف آهي: شرجيل ميمڻ

جيڪو پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪري ٿو ان جو جواب اهو آهي ته پيپلز پارٽي اندر پاسز ناهيا آهن، سوين ڪلوميٽر روڊ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ناهيا آهن

هتي جيڪي جديد بسون هلي رهيون آهن، اهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ڏنيون آهن، سنڌ حڪومت جديد اسپتالون قائم ڪيون آهن جو سڄي پاڪستان مان ماڻهو مفت علاج لاءِ سنڌ اچي رهيا آهن

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه تنقيد جو نشانو بڻيل رهي آهي پر پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ بهترين ڪم ڪري ڏيکاريو آهي جيڪو اڄ تائين ڪنهن به سياسي پارٽي نه ڪيو آهي

عمران خان روزاني نيون ڪهاڻيون بيان ڪري ٿو، سمجهي ٿو ته ڪراچي جي عوام بلدياتي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ڪراچي جي ماڻهن کي لتون هڻي ڀڄايو ۽ انشاءَ الله ايندڙ عام چونڊن ۾ به پي ٽي آءِ کي ناڪامي نصيب ٿيندي

عمران خان جي ويڙھ نه مسلم ليگ (ن) سان آهي، نه پيپلز پارٽيءَ سان ۽ نه ئي ڪنهن اداري جي سربراهه سان آهي، عمران خان جي ويڙھ هن ملڪ سان آهي، هو هن ملڪ خلاف وڙهي رهيو آهي

پاڪستان جي عوام کي هاڻي ان شخص جو مقابلو ڪرڻو پوندو جيڪو پاڪستان خلاف وڙهي رهيو آهي، هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جماعت اسلامي کان وڌيڪ سيٽون پاڪستان پيپلز پارٽي کٽيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته جيڪو پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪري ٿو ان جو جواب اهو آهي ته پيپلز پارٽي اندر پاسز ناهيا آهن. سوين ڪلوميٽر روڊ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ناهيا آهن. هتي جيڪي جديد بسون هلي رهيون آهن، اهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ڏنيون آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت جديد اسپتالون قائم ڪيون آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وفاقي ڪابينا غريب عوام کي سستو پيٽرول ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا غريب عوام کي سستو پيٽرول ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته حڪومت غريب عوام لاءِ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي جو فيصلو ڪيو آهي. ان تي عمل ڪيو ويندو. مملڪتي وزير چيو ته وڏين گاڏين وارا پيٽرول تي وڌيڪ پيسا ادا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پاڪستان جا دشمن هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ دهشتگردي پکيڙي رهيا آهن: مراد علي شاهه

دهشتگردن هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي سيڪيورٽي آفيسن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مسجدن تي حملا شروع ڪري ڇڏيا آهن

بيگناهه ماڻهن جو قتل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اهي پاڪستان ۽ ان جي عوام جا دشمن آهن، پر قوم کين شڪست ڏيڻ لاءِ هڪجهٽي آهي

ذخيري تي ضابطو آڻڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪيو ويو جي، آرڊيننس موجب اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ، هٽراڙو مهانگائي ۽ ذخيري کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اختيار روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي ڏنا ويا آهن

ذخيري تي ضابطو آڻڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪيو ويو جي، آرڊيننس موجب اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ، هٽراڙو مهانگائي ۽ ذخيري کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اختيار روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي ڏنا ويا آهن

آرڊيننس موجب اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ، هٽراڙو مهانگائي ۽ ذخيري کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اختيار روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي ڏنا ويا آهن

اهل سنت والجماعت جي مولانا سليم کتري، مولانا عبدالقيوم، ماهر تعليمدان خالد رضا جو قتل ۽ اهڙا ٻيا واقعا پڻ دهشتگرديءَ جو حصو آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته دهشتگردن هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي سيڪيورٽي آفيسن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مسجدن تي حملا شروع ڪري ڇڏيا آهن ۽ بيگناهه ماڻهن جو قتل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اهي پاڪستان ۽ ان جي عوام جا دشمن آهن، پر قوم کين شڪست ڏيڻ لاءِ هڪجهٽي آهي. سنڌ جي وڏي وزير اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي گورنر ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گورنر ڪامران ٽيسوري سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

اليڪشن ڪميشن پنجاب جون چونڊون ملتوي ڪري آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي: عمران خان

اسان پنهنجي 2 صوبائي اسيمبلين کي ان اميد سان ٽوڙي ڇڏيو هو ته چونڊون 90 ڏينهن ۾ ٿينديون جيئن آئين ۾ لکيل آهي

اسان اها ڪارروائي آئين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي يا دهشتگردن جو راڄ مڙهڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ناهي ڪئي

هر ماڻهو کي عدليه ۽ وڪيلن سان ان اميد سان گڏ بيهڻ گهرجي ته هو آئين جي حفاظت ڪندا

اسلام آباد (رپورٽر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن پنجاب جون چونڊون آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي هن چيو ته اڄ هر ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان هاڻي پنهنجا آمريڪا سان لاڳاپا بهتر ڪري رهيو آهي: شيري رحمان

عمران خان آمريڪا ۾ رجيم چينج ساک جي بحاليءَ لاءِ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو ڪيو آهي

اها فرم پي ٽي آءِ اڳواڻن جي آمريڪا جي فيصلا ڪندڙن سان ملاقاتن جو انتظام ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) جڏهن ته وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته عمران خان آمريڪا ۾ رجيم چينج ساک جي بحاليءَ لاءِ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پنجاب ۾ اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو فيصلو زبردست آهي: اعظم نذير تارڙ

ٻن اسيمبلين جون الڳ الڳ چونڊون ڪرايون وڃن ته ملڪ مستقبل ۾ بحران جو شڪار ٿيندو

آئين موجب سموري ملڪ ۾ چونڊون هڪئي وقت ٿيڻيون آهن، ٻنهي صوبن ۾ عام چونڊن تائين نگران سيٽ اپ برقرار رهندو

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۾ اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو فيصلو زبردست آهي. وفاقي سرڪار اليڪشن ڪميشن جي فيصلي جي آجيان ڪري ڇڏي، عمران خان کي به ڳالهين جي آڇ. قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان جي قتل جي سازش جي الزام تي جديشل ڪميشن قائم

اليڪشن ڪميشن ٻين ادارن سان به مشاورت ڪئي ته سوچي سمجهي ئي فيصلو ڪيو هوندو: محسن نقوي

عمران خان جي بيان تي پنجاب حڪومت جديشل ڪميشن ٺاهي ڇڏي آهي، جيڪا جاچ ڪندي

جيڪڏهن عمران خان جي الزام ۾ هڪ سيڪڙو به سچائي هوندي ته ملوث ماڻهن کي سخت سزا ملندي

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت عمران خان جي قتل جي سازش جي الزام تي جديشل ڪميشن جوڙي ڇڏي. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته چونڊن جي تاريخ بابت فيصلو اليڪشن ڪميشن جو آهي، اليڪشن ڪميشن ٻين ادارن سان به مشاورت ڪئي ته سوچي سمجهي ئي فيصلو ڪيو هوندو. هن چيو ته عمران خان جي بيان تي پنجاب حڪومت جديشل ڪميشن ٺاهي ڇڏي آهي، جيڪا جاچ ڪندي. جيڪڏهن عمران خان جي الزام ۾ هڪ سيڪڙو به سچائي هوندي ته ملوث ماڻهن کي سخت سزا ملندي. جيڪڏهن الزام درست آهي ته ان تي ايڪشن ٿيڻ گهرجي، درست ناهي ته به ايڪشن ٿيڻ گهرجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ پاران پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ شرڪت جو اعلان

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ پاران پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ شرڪت جو اعلان. عمران خان جي صدارت هيٺ اهم اجلاس بعد فواد چوڌري ۽ اسد عمر جي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن جو چوڻ آهي ته پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ پي ٽي آءِ جا سينيٽرز شرڪت ڪندا. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس جو هدف شيريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آئين ۾ چٽو لکيل آهي ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿينديون: شيخ رشيد

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي، آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي

هاڻ سپريم ڪورٽ جو امتحان آهي ته هو غير آئيني ۽ غيرقانوني حڪومت کي هلڻ ڏئي يا انهن متان آرٽيڪل 6 لڳائي ٿي

چيف جسٽس به اهو ئي چڪو آهي ته شفاف چونڊن ۾ بدنيتي ٿي ته مداخلت ڪنداسين: اڳوٽو گهرو وزير

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته آئين ۾ چٽو لکيل آهي ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿينديون. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شيخ رشيد احمد چيو ته اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

اليڪشن ڪميشن پنهنجي فيصلي سان ملڪ کي وڏي آئيني بحران کان بچائي ورتو: مريم اورنگزيب

اليڪشن ڪميشن جو فيصلو پاڪستان جي مفاد ۾ آهي، اليڪشن ڪميشن معاشي، سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال کي ڏسي فيصلو ڪيو

اليڪشن ڪميشن کي شفاف، آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرائڻيون آهن. چونڊن وقت وفاق ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ٿينديون

اليڪشن ڪميشن سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو، اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان ملڪ ۾ سياسي استحڪام جي ضمانت ملندي

اسلام آباد (م ڊ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي فيصلي سان ملڪ کي وڏي آئيني بحران کان بچائي ورتو. هن فيصلي سان ملڪ ۾ سياسي استحڪام جي ضمانت ملندي. پنهنجي هڪ بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته اليڪشن ڪميشن جو فيصلو پاڪستان جي مفاد ۾ آهي. اليڪشن ڪميشن معاشي، سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال کي ڏسي فيصلو ڪيو. اليڪشن ڪميشن کي شفاف، آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرائڻيون آهن. چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سپريم ڪورٽ بار پاران پنجاب ۾ اليڪشن ملتوي ڪرڻ جي مذمت

اليڪشن ڪميشن چونڊون آڪٽوبر ۾ ڪرائڻ جو اعلان ڪري آئين لتاڙي ڇڏيو: سپريم ڪورٽ بار

اليڪشن ڪميشن ڪنهن به صورت ۾ اليڪشن ملتوي نٿي ڪري سگهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ بار پاران پنجاب ۾ اليڪشن ملتوي ڪرڻ جي مذمت. سمورن آئيني ادارن جي تحفظ جو مطالبو. سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان پنهنجي قتل واري سازش جي الزام تي قائم آهي ته ثبوت ڏئي: پنجاب حڪومت

عمران خان بي بنياد الزام لڳائي عدالتن مان ڇوٽ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو: عامر مير

عمران خان جي گهر تي ڇاپي بابت اسان وٽ ڪا به اطلاع ناهي اها هن جي هٿ ٺوڪي ڪهاڻي آهي

عمران خان پنهنجي قتل جي سازش واري الزام تي قائم آهي ته ان جو گڏيل ثبوت فراهم ڪري

پنجاب جي نگران اطلاعات وارو وزير عامر مير

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران اطلاعات واري وزير عامر مير چيو آهي ته عمران خان جي گهر تي ڇاپي جي اسان وٽ ڪا به رپورٽ نه آهي. نجي چينل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بلاول ڀٽو زرداري گلستان جوهر واري علائقي ۾ فلاءِ اوور جو افتتاح ڪري ڇڏيو

فلاءِ اوور 85 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ساڍا چار مهينن ۾ مڪمل ڪئي وئي

فلاءِ اوور بعد انڊر پاس جو ڪم به جلد مڪمل ڪيو ويندو: سنڌ جو وڏو وزير سيد مرادعلي شاهه

ڪراچي (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي جي گلستان جوهر واري علائقي ۾ فلاءِ اوور جو افتتاح ڪري ڇڏيو. تقريب ۾ وڏو وزير مراد علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ يوم پاڪستان قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ 31 ۽ صوبائي راڄڌانين ۾ 21_21 توپن جي سلامي سان ڏهاڙي جي شروعات ڪئي وئي

يوم پاڪستان جي موقعي تي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ گورنر ڪامران ٽيسوري طرفان قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري وئي

ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص طرفان مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي

اسلام آباد/ ڪراچي (م ڊ) سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ 23 مارچ تي پاڪستان جي ٺهڻ جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جي. وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

موسم خراب هجڻ سبب ايوان صدر ۾ يوم پاڪستان جي پريڊ ملتوي، پريڊ هاڻ 25 مارچ تي ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) موسم خراب هجڻ سبب ايوان صدر ۾ ٿيندڙ يوم پاڪستان جي پريڊ ملتوي ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان ايوان صدر طرفان جاري ڪيل بيان موجب يوم پاڪستان جي ملتوي ٿيل پريڊ هاڻ 25 مارچ تي ٿيندي. ياد رهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان جو مقدر عظيم بلنديون حاصل ڪرڻ آهي: شهباز شريف

هن حقيقت ٻنجڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي صفن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻو پوندو

پنهنجن وڏن جي وراثت موجب جدوجهد ڪرڻ جو ارادو ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (م ڊ) يوم پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان سياسي ۽ آئيني جدوجهد جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: برسات دوران حادثي جو شڪار ٿي ويل پنڪ بس واقعي واري هنڌ بيٺل آهي

مهانگائي غريبن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي: سيد صدرالدين شاهه

سنڌ حڪومت ائين پئي هلي جيئن بنا ڊرائيور جي گاڏي هلندي آهي

سنڌ جي نااهل ڪرپٽ حڪمرانن اٺوچوري ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو آهي ته رمضان المبارڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

يوم پاڪستان تي پوري قوم پاڪستان جي باني کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي: صدر عارف علوي

ڀارت ۾ اقليتن خاص طور تي مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم اهو ثبوت آهي ته مسلمان قيادت هڪ دانشمنداڻو فيصلو ڪيو

يوم پاڪستان اسان کي هڪ قوم جي حيثيت سان ڪاميابين ۽ ناڪامين جو جائزو وٺڻ جي يادگيري ڏياريندو آهي

مختلف چئلينجز باوجود اسان لاڳيتو محنت ۽ قابليت سان هر شعبي ۾ تمام گهڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف يوم پاڪستان جي موقعي تي قوم جي نالي پيغام جاري ڪري ڇڏيا آهن. صدر ڊاڪٽر عارف علوي يوم پاڪستان جي موقعي تي قوم جي نالي تي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

يوم پاڪستان جي موقعي تي ايوان صدر ۾ سول اعزاز ڏيڻ جي تقريب

زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ غير معمولي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ شهرين کي ايوارڊز ڏنا ويا

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ، ايس ايس پي حيدرآباد امجد شيخ، ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير احمد تنيو تمغهءِ شجاعت جي اعزازن سان نوازيو ويو

مشهور شاعر ساگر صديقي جو ستاره امتياز جو ايوارڊ سيڪريٽري وزارت قومي ورثو وصول ڪيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) يوم پاڪستان جي موقعي تي ايوان صدر ۾ سول اعزاز ڏيڻ جي تقريب، زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ غير معمولي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ شهرين کي ايوارڊز ڏنا ويا ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو مظهر نواز شيخ، ايس ايس پي حيدرآباد امجد شيخ، ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير احمد تنيو ۽ ايس ايس پي سانگهڙ بشير احمد بروهي کي امن امان لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي تمغهءِ شجاعت جي اعزازن سان نوازيو ويو مرحوم شاعر ۽ اديب امجد اسلام امجد جو ايوارڊ ان جي پٽ وصول ڪيو. سينيٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: يوم پاڪستان جي موقعي تي ايوان صدر ۾ زندگي جي مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 135 شهرين کي سول ايوارڊ ڏنا ويا

صدر عارف علوي پاران گورنر سنڌ کي تمغه امتياز عطا ڪيو ويو

ڪامران خان ٽيسوري کي عوامي خدمتن جي شعبي ۾ ڪيل ڪوششن تي تمغه امتياز ڏنو ويو

9 ڀيرا بيسٽ ايڪسپورٽرز ٽرافي ۽ 3 ڀيرا بزنس مين آف دي ايئر جو ايوارڊ ملي چڪو

اسلام آباد (رپورٽر) صدر مملڪت ڊاڪٽر عارف علوي صدر هائوس ۾ منعقد سول ايوارڊز ورهائڻ واري تقريب ۾ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري کي عوامي خدمتن جي شعبي ۾ ڪيل ڪوششن تي تمغه امتياز عطا ڪيو. ياد رهي ته ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: صدر عارف علوي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري کي تمغه امتياز لڳائي رهيو آهي

23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي: شرجيل انعام ميمڻ پاران يوم پاڪستان تي پيغام

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ يوم پاڪستان جي موقعي تي پيغام ڏيندي چيو آهي ته 23 مارچ پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي. ننڍي کنڊ جي مسلمانن غلامي ۽ ڏاڍ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ جدا وطن قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ صرف ستن سالن جي مختصر عرصي ۾ آزاد وطن جو مطالبو منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب رهيا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري افطار پارٽي ۾ آيل استادن کي ڀليڪار ڪري رهيو آهي

گورنر سنڌ پاران مختلف جامعات جي استادن ۽ شاگردن کي افطار پارٽي ڏني وئي

جامعه ڪراچي، اقرا دارالعلوم احتشاميه، انڊس ويلي، جناح يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن جي شرڪت

ڪامران خان ٽيسوري رمضان المبارڪ جي پهرين ڏينهن افطاري لاءِ آيل سمورن ماڻهن ڀليڪار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري رمضان المبارڪ جي پهرين ڏينهن گورنر هائوس ۾ مختلف جامعات جي استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن جي اعزاز ۾ گورنر هائوس ۾ دعوت افطار جو انتظام ڪيو. افطاري ۾ جامعه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان سميت پي ٽي آءِ اڳواڻن خلاف 127 ڪيسن جي لسٽ عدالت ۾ جمع

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران پنجاب حڪومت بيان حلفي سميت ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرايا

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۽ اسلام آباد پوليس عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جي ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف 127 ڪيسن جي لسٽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

23 مارچ تي پاڪستان جي قيام لاءِ عملي جدوجهد جي شروعات ٿي: گيانچند ايسراڻي

پاڪستان جي قيام لاءِ عملي جدوجهد جي شروعات 23 مارچ کان ٿي

اسان جي بزرگن قائداعظم محمد علي جناح جو ڀرپور ساٿ ڏنو

ڪراچي (23 مارچ) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته پاڪستان جي قيام لاءِ عملي جدوجهد جي شروعات 23 مارچ کان ٿي. اسان جي بزرگن قائداعظم محمد علي جناح جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ پارٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ حڪومت 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان سائيٽ ايريا ۾ روڊ ٺاهيا آهن: جام اڪرام الله ڌاريجو

سائيٽ ايسوسيئيشن 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ڪراچي جي روڊن کي بهتر بڻائي رهي آهي

سائيٽ جي ترقياتي ڪمن ۾ سائيٽ ايسوسيئيشن جي عملدارن جي شموليت کي يقيني بڻايو ويندو

گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب صنعتڪار پريشان آهن، وفاقي حڪومت ان مسئلي جي حل لاءِ قدم کڻي

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ گڏيل امداد کاتي واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي ته سنڌ جي صنعتي زونز ۾ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وقفي وقفي سان تيز ۽ هلڪي برسات

مليرن، شاهه فيصل ڪالوني، نارٿ ناظم آباد، نارٿ ڪراچي، نيو ڪراچي ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ هلڪي ۽ تيز برسات پئي

آءِ آءِ چندريگر روڊ، شاهراهه فيصل، ڪورنگي، اختر ڪالوني، ڊفينس ۽ ٻين علائقن ۾ به تيز برسات پئي

ميرپورساڪرو، مٺياري، ڪوٽڙي، ڄامشورو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ به برسات پئي جنهن سبب موسم ٿڌي ٿي وئي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وقفي وقفي سان تيز ۽ هلڪي برسات جو سلسلو جاري آهي. ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ اڄ صبح جو هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

رمضان المبارڪ دوران سنڌ فوڊ اٿارٽي جون ٽيمون ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪندڙن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪنديون: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪرڻ وارن کي خبردار ڪندي چيو آهي ته اهي ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪان پاسو ڪن. ٻي صورت ۾ انهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شڪارپور جا پوليس اهلڪار به منشيات فروشي ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث نڪتا

منشيات فروشي ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ تي اهلڪار امان الله، امداد علي جعفري نوڪري تان برطرف ٿيا

برطرف اهلڪار شڪارپور ضلعي جي مختلف ٿاڻن ۽ سي آءِ اي سينٽر تي مقرر هئا

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور جا پوليس اهلڪار به منشيات فروشي ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث نڪتا. 12 اهلڪارن جون نوڪريون ڇٽ. ايس ايس پي منشيات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڍاڪا: پاڪستاني هاءِ ڪمشنر عمران احمد صديقي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

46 هزار زڪوات مستحق ماڻهن کي زڪوات ڪارڊ 10 رمضان تائين ڏنا ويندا: فياض علي بٽ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي زڪوات بابت صلاحڪار فياض علي بٽ چيو آهي ته سنڌ بئنڪ پاران 10 رمضان المبارڪ تائين سڄي صوبي ۾ 46 هزار زڪوات وٺندڙن ۾ زڪوات ڪارڊ ورهايا ويندا. ان سلسلي ۾ شفافيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

صحت کاتي 121 ڊاڪٽرن مان 39 ڊاڪٽرن کي نوڪرين تان برطرف ڪري ڇڏيو

گهر ويٺي پگهارون کڻندڙ 507 ڊاڪٽرن کي شوڪاز نوٽيس به جاري ڪيو ويو، صحت کاتي جو ترجمان

ڪجهه ڊاڪٽر پرڏيهه ۾ رهيي پگهارون کڻن پيا، ڊيوٽي تان غير حاضر رهندڙ ڊاڪٽرن کي برطرف ڪيو ويندو، صحت کاتو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي، صحت کاتي فائنل شوڪاز نوٽيس بعد گهوسٽ 121 ڊاڪٽرن مان 39 ڊاڪٽرن کي نوڪرين تان برطرف ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

دي انٽرنيشنل هيومن رائٽس برائٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن طرفان يوم پاڪستان جي ريلي

ريلي شهر ضلعي صدر ذوالفقار ساٿي، سينئر نائب صدر منظور خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي

مولا بخش جوکيو اطلاعات سيڪريٽري ستار درس، آفيس سيڪريٽري علي شير ملاح شريڪ ٿيا

قرارداد پاڪستان پاس ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسانجو پيارو پاڪستان وجود ۾ آيو: ذوالفقار ساٿي

ٺٽو(ڊ) دي انٽرنيشنل هيومن رائٽس برائٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائزيشن طرفان 23 مارچ يوم پاڪستان جي موقعي تي هڪ ريلي ٺٽي شهر ۾ ضلعي صدر ذوالفقار ساٿي، سينئر نائب صدر منظور خاصخيلي، نائب صدر افضل خشڪ. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: دي انٽرنيشنل هيومن رائٽس برائٽ فيوچر ڊولپمينٽ آرگنائزيشن طرفان يوم پاڪستان جي ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ لعل بخش ڪلوئي ۾ ٻه ڏينهن اڳ قتل ٿيل همراهه جي وارثن جو احتجاج

ٽنڊوباگو(رپورٽ:- سهيل سمون) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ لعل بخش ڪلوئي ۾ ٻه ڏينهن اڳ ٽنگ ۾ گولي لڳڻ ڪري مارجي ويل ميانداد عرف ناٿو ڪلوئي جي لاش کي ٽنڊوباگو ٿاڻي اڳيان رکي 8 ڪلاڪن تائين ڌرڻو هڻڻ کان پوءِ وارث ڌرڻو ختم ڪري لاش ڳوٺ کڻائي ويا. خميس ڏينهن فوتي ميانداد ڪلوئي کي ڳوٺ پرسان ابائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد جي وڏي ٿاڻي جي رهواسي پيرسن پاران احتجاجي مظاهرو

رهواسي پيرسن محمد انور ڪنير پنهنجي نوجوان ڌيءُ آمنہ جي مبينہ اغوا تي احتجاج ڪيو

منهنجي نوجوان ڌيءُ آمنہ ڪنير کي هٿياربند زبردستي اغوا ڪري ويا آهن: محمد انور ڪنير

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد جي وڏي ٿاڻي جي رهواسي پيرسن محمد انور ڪنير پنهنجي نوجوان ڌيءُ آمنہ جي مبينہ اغوا تي احتجاج ڪندي اعلي اختياريين کان سندس بازيابي جو مطالبو ڪري چڪو آهي، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو حيدرآباد تعلقي جي وڏي ٿاڻي هوسڙي جي ڳوٺ احمد خان عالماڻي جو رهواسي پيرسن محمد انور ڪنير ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن پاران رمضان جي پلاري مهيني جي حوالي سان پئڪيج تي عمل نہ ٿيو

رمضان جي پلاري مهيني جي حوالي سان اعلانيل 19 جنسن تي رعايتي پئڪيج تي ڪو عمل نہ ٿيو

نئين ڪراچي، سورجاڻي ۽ گلشن معمار جي يوٽيلٽي اسٽورن تي ان رعايتي پئڪيج کان محروم ٿي ويا

رعايتي پئڪيج لاءِ واجهائيندڙ غريب واهپيدارن حڪومت ۾ ويٺلن ۽ وس وارن عملدارن کان گهرڪئي

ڪراچي (رپورٽ) يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن پاران رمضان جي پلاري مهيني جي حوالي سان اعلانيل 19 جنسن تي رعايتي پئڪيج تي ڪو عمل نہ ٿيو يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن پاران رمضان جي پلاري مهيني جي حوالي سان اعلانيل 19 جنسن تي رعايتي پئڪيج تي ڪو عمل نہ ٿيو تفصيل موجب ڪراچي شهر جي غريب ۽ پورهيتن جي گهڻائي تي ٻڌل علائقن، نئين ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي : يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن پاران رمضان جي پلاري مهيني جي حوالي سان پئڪيج تي عمل نہ ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

ٺٽو بائي پاس روڊ تي درگاهه شيخ عالي چاڙهي تي لڳ حادثو، 10 کان وڌيڪ مسافر زخمي

ڪوچ ۽ ڊمپر وچ حادثي جي نتيجي ۾ ڪراچي کان بدين ويندڙ 10 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا

زخمي ٿيندڙن ۾ ڪوچ سوار امداد علي، محمد زمان، زاهد، نظر محمد، انورخان، شازيہ ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

نيشنل ڪان باءِ پاس تان گذرندڙ هيوي لوڊ ڊمپرز جن جا ڊرائيور اڪثر ڪري نشي ۾ هجن ٿا: علائقي وسي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) مڪلي ٺٽو بائي پاس روڊ تي درگاهه شيخ عالي چاڙهي تي لڳ ڪراچي کان بدين ويندڙ ايئرڪنڊيشن ڪوچ ۽ ڊمپر وچ ۾ ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي ڪاب بدين ويندڙ 10 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا زخمين کي 1122 ايمبولنس سروس ذريعي سول اسپتال مڪلي ٺٽو منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي زخمي ٿيندڙن ۾ ڪوچ سوار امداد علي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏڙو ۾ رمضان المبارڪ جي آمد سان ئي مهانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

وڌندڙ مهانگائي خلاف شهرين ۽ مختلف ڌرين طرفان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سياسي سماجي ڌرين ٽوڙي شهرين جي يو آئي جي اڳواڻ حافظ عبدالغفور ميمڻ جي شرڪت

اعجاز اختر ميمڻ، محمد اسلم سومرو، واپاري اڳواڻ حافظ محمد ميمڻ، شهري نواز پوڙهو شريڪ

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ رمضان المبارڪ جي آمد سان ئي مهانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، ڏڙو ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف شهرين ۽ مختلف ڌرين طرفان سخت احتجاج، ڏڙي ۾ رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏڙو : رمضان المبارڪ جي آمد سان مهانگائي جو طوفان ، ۽ شهري پنهنجا ويچار ونڊيندي

منظور آباد پرسان ڳوٺ ۾ عورتن جي حقن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سماجي تنظيم طرفان ريلي

ڳوٺ خير محمد ٿيبو ۾ آءِ آر سي ۽ يونيسيف طرفان حقن جي آگاهي بابت سيمينار ڪوٺايو ويو

آءِ آر سي ڪوآرڊينيٽر فرزانہ ٻرڙو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر رياض مگسي ايس يو پي ليڊيز ونگ شريڪ ٿيا

عورتن کي پنهنجي حقن جي مڪمل ڄاڻ ڏيڻ انتهائي سخت ضرورت آهي: ڪوآرڊينيٽر فرزانہ ٻرڙو ۽ ٻيا

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) منظورآباد پرسان ڳوٺ ۾ عورتن جي حقن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سماجي تنظيم طرفان سيمينار منعقد عورتن تي تشدد سگ چٽي ننڍي عمر ۾ شادي حراسمينٽ جهڙا واقعن کي روڪيو جي مقررين تفصيل موجب منظورآباد پرسان ڳوٺ خير محمد ٿيبو ۾ آءِ آر سي ۽ يونيسيف طرفان عورتن جي حقن جي آگاهي بابت سيمينار ڪوٺايو ويو سيمينار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مذهبي هم آهنگي جو شاندار مثال: ڊاڪٽر ايمن پرمار پاران مسجد ۽ امام بارگاهه تعمير

ننگرپارڪر جي ڳوٺ مونگڙي ڪوسا ۾ مسجد ۽ امام بارگاهه ٺهرائڻ بعد روزو کولرايو ويو

عورتن ۾ سلائي مشينون تقسيم ڪري انهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا آهن: ايمن پرمار

تعلقي ننگرپارڪر ۾ 2. مسجدون تعمير ڪرائڻ سان گڏوگڏ امام بارگاهه پڻ ٺهرائي آهي: ڳالهيون

ٿرپارڪر (رپورٽ صادق بجير) مذهبي هم آهنگي جو شاندار مثال قايم ترجايي گذريل ٽيہ سالن کان آمريڪا جي شهر ٽيڪسا ۾ رهندڙ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر ايمن پرمار پاران تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺ مونگڙي ڪوسا ۾ مسجد ۽ امام بارگاهه ٺهرائڻ بعد رمضان شريف جي ڪالہ پهرين روضي تي سندس ٽيم ڳوٺ وڃي مسلم پايرن جي ٽيہ کان وڌيڪ گهرن ۾ راشن تقسيم ڪير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پيرپٿورو جي ميلي کان واپس موٽندڙ چيلهار جي رهواسين سان حادثو، 2 نينگر فوت

ميگهواڙ برادري جي مردن عورتن ۽ ٻارڙن سان پربل لانگ چيسس جيپ سان حادثو پيش آيو

ٻہ نينگر نالي رڪيش ۽ پرت ڪمار موقعي تي فوت ٿي ويا، ڪيترائي زائرين زخمي ٿي پيا

آخري رسمن ۾ شهرواسين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ۽ گڏ ڏڪ جي لهر ڇانيل هئي

مٺي (رپورٽر) پير پٿورو جي ميلي کان واپس موٽندڙ چيلهار جي اڪائي پاڙو جي ميگهواڙ برادري جي مردن عورتن ۽ ٻارڙن سان پربل لانگ چيسس جيپ سان ڳوٺ جنجهيئر پرسانٿائراڻ ٺٽڻ سان حادثو پيش آيو ٻہ نينگر فوت ڪيترائي زخمي. خبر موجب چيلهار جي اڪائي پاڙو مان ميگهواڙ برادري جا زيارت ڪرڻ لاءِ ريل سال زيارت ڪرڻ بعد ميلي کان واپس اچي رهيا هئا رستي ۾ ڳوٺ جنجهيئر وٽ گاڏي سان حادثو پيش آيو جنهن ۾ ٻہ نينگر نالي رڪيش ۽ پرت ڪمار جن جي عمر ڏه کان ٻارهن سال ٻڌائي پئي وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان ۾ ٻئي ڏينهن برسات جي تيز وسڪاري سان موسم خوشگوار ٿي وئي

شديد برسات سبب گرمي جي شدت گهٽجي وئي، بجلي مواصلات جو نظام متاثر ٿي ويو

ميونسپل جي عملي طرفان برساتي پاڻي نيڪال ٿي نہ سگهيو، شهرين جي عام زندگي متاثر رهي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ٻئي ڏينهن برسات جي تيز وسڪاري سان موسم خوشگوار ٿي وئي، غريب جي شدت گهٽجي وئي، بجلي مواصلات جو نظام متاثر ٿي ويو، روڊن رستن تي برسات جي پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

محرابپور ۾ نالي واري اديب شاعر ليکڪ ۽ استاد شريف سومرو سان سرهي شام ملهائي وئي

شهيد بينظير آباد ڊويزن جي سوين اديبن شاعرن ليکڪن استادن صوفي فنڪارن شرڪت ڪئي

غلام علي عامر گسنا جو اڳوٺو مرڪزي اڳواڻ عزيزالله هنگورو ، پروفيسر عبدالستار ابڙو ۽ ٻيا شريڪ

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور سنڌ جي نالي واري اديب شاعر ليکڪ ۽ استاد شريف سومرو سان پريس ڪلب هالاڻي پاران سرهي شام ملهائي وئي تقريب ۾ سکر ڊويزن ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي سوين اديبن شاعرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

محرابپور : نالي واري اديب شاعر ليکڪ ۽ استاد شريف سومرو سان سرهي شام ملهائي وئي

سڄاول ۾ 23 مارچ قرارداد پاڪستان جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

سڄاول ۾ هڪ سماجي تنظيم اين آر ايس پي اين جي پي پاران ريلي ڪڍي وئي

صحافين محمد اسماعيل سرويچ، ساگر سليم ڪوسو، عبدالغفار ٻارڙ، جاني جوکيو شرڪت

سڄاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سڄاول ۾ 23 مارچ قرارداد پاڪستان جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، سڄاول ۾ هڪ سماجي تنظيم اين آر ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مورو شهر جي دادو روڊ گولڊن ۾ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران رمضان بچت بازار

شاهزيب شيخ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر جي تعاون سان بچت بازار قائم ڪئي وئي

ڊي سي نوشهروفيروز سان گڏ مورو اسسٽنٽ ڪمشنر حسان ظفر ۽ سي ايم ار مورو پڻ موجود هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر جي دادو روڊ گولڊن ۾ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسان ظفر جي تعاون سان رمضان بچت بازار، سبزي اسٽال جو اهتمام ڪيو ويو آهي جتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غلام الله لڳ پروسر ڪالوني جي ڳوٺ ابوبڪر آتو جي رهواسين پاران احتجاج

سبزي جي واپاري محمد سليمان آتو ۽ محمد عيسيٰ آتو صحافين آڏو احتجاج ڪيو

پيرجوابدارن صالح محمد آتو ۽ حسن آتو جي گهر ۾ داخل ٿيا، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ٺٽو(ڊ) غلام الله لڳ پروسر ڪالوني جي ڳوٺ ابوبڪر آتو جي رهواسين سبزي جي واپاري محمد سليمان آتو ۽ محمد عيسيٰ آتو صحافين آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽو : ڳوٺ ابوبڪر آتو جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز صدر ٿاڻي جي گدام کي مبينہ طور باهه لڳي وئي

فائر برگيڊ دير سان پهچڻ سبب سمورو رڪارڊ سڙي رک ٿي ويو آهي: ذريعا

گدام ۾ پراڻو رڪارڊ پيل هوجيڪو سمورو سڙي ويو فائربرگيڊ باهه وسائي: عملدار

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز صدر ٿاڻي جي گدام کي مبينہ طور باهه لڳي وئي ڏسندي ڏسندي باهه گدام کي وڪوڙي وئي فائر برگيڊ دير سان پهچڻ سبب سمورو رڪارڊ سڙي رک ٿي ويو جڏهن ٿاڻي تي ايس ايڇ او موجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ پاران سول اسپتال نوشهرو فيروز جو دورو

دل جي وارڊ، انڊور بلاڪ، ٻارن جي وارڊ ۽ نيوٽريشن وارڊ جو اچانڪ تفصيلي دورو ڪيو

سٽرائي، بهار جي موسم ۾ لڳل وڻن جو جائزو ۽ بائيوميٽرڪ سسٽم بابت معلومات ورتي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر جاويد احمد پٺو پاران سول اسپتال نوشهروفيروز جي مختلف وارڊن، ايمرجنسي،دل جي وارڊ، انڊور بلاڪ، ٻارن جي وارڊ ۽ نيوٽريشن وارڊ جو اچانڪ تفصيلي دورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر جاويد احمد پٺو سول اسپتال جو دورو ڪندي

نئون ڪوٽ پرسان فلاحي اداري فرشتا فائونڊيشن ۽ سگا شاخ عرس سومرو طرفان راشن تقسيم

فرشتا فائونڊيشن جي چيئرمين محمد اڪبر فاروقي، سگا شاخ عرس سومرو پاران سامان ورهايو ويو

هن مهانگائي جي دور ۾ غريب ماڻهو ۽ ويلا ماڻي ڳپي ڪائڻ لاءِ پريشان آهن: محمد اڪبر فاروقي

نئون ڪوٽ (رپورٽ) نئون ڪوٽ پرسان فلاحي اداري فرشتا فائونڊيشن ۽ سگا شاخ عرس سومرو طرفان غريب مستحق مردن عورتن کي اڄ پئي ڏينهن ۾ راشن بيگ ڏنا ويا. ان موقعي تي فرشتا فائونڊيشن جي چيئرمين محمد اڪبر فاروقي، سگا شاخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شهيد بينظير آباد ۾ انتظاميہ 23 مارچ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو ملهايو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ريلي

تاريخ گواهه آهي تہ پاڪستان لازوال قربانين ۽ جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ٿيو آهي: علي شيرجمالي

نواب شاهه(رپورٽ اي ڪي ڏاهري) پوري ملڪ جيان ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ پڻ ضلع انتظاميہ پاران 23 مارچ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه علي شير جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

اوباوڙو خانپور پنجاب جي رهواسڻ اوباوڙو جي رهواسي نوجوان سان پرڻو ڪري ڇڏيو

نورين زهره ربنواز رند سان صادق آباد پنجاب جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو

ايس ايس پي گهوٽڪي کي اپيل ڪيون ٿا تہ خدارا اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي:ناري

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو خانپور پنجاب جي رهواسڻ اوباوڙو جي رهواسي ربنواز رند سان صادق آباد پنجاب جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن جوڙي پاران تحفظ جي اپيل تفصيل موجب پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

اوباوڙو : پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ پاران 23 مارچ يوم قرارداد پاڪستان ڏينهن ملهايو ويو

ضلعي سان تعلق رکندڙ وفاقي توڙي صوبائي کاتن جي عملدارن سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان گهنٽا گهر تائين يوم قرارداد پاڪستان حوالي سان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

پنهنجي وطن پاڪستان جي جاڻ پوندي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل قربانين جي خبر پڻ پوندي: ڊي سي

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) سڄي ملڪ جيان ڪنڌڪوٽ ۾ به ڊپٽي ڪمشنر ڪشمورايٽ ڪنڌڪوٽ منور علي مٺياڻي جي اڳواڻي ۾ 23 مارچ يوم قرارداد پاڪستان جوش جذبي سان ملهايو ويو تقريب ۾ ڊي ايس هيڊ ڪوارٽر ڪنڌ ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

23 مارچ
PAKISTAN DAY
MISSIONER KASHMORE@KANDH KOT

ڪنڌ ڪوٽ: 23 مارچ ڏهاڙي ڊي.سي. ڪشمور جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

نري ميرواهه لنڪ روڊ تي نيو ٽائون واري علائقي ۾ ايس ايڇ او هٿياربندن هٿان زخمي

هٿياربندن گولين هڻي ايس ايڇ او محرابپور مير امداد ٽالپر ۽ گن مين مير ثقلين کي زخمي ڪيو

واقعي بعد شهرين زخمي ايس ايڇ او ۽ اهلڪار کي فوري طور تي محرابپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) محرابپور ۾ نري ميرواهه لنڪ روڊ تي نيو ٽائون واري علائقي ۾ لانگوڄي شاخ پرسان موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن ڪار مٿان فائرنگ ڪري ڪار سوار ايس ايڇ او محرابپور مير امداد ٽالپر ۽ سندس گن مين مير ثقلين کي شديد زخمي ڪري فائرنگ ڪندا بآساني سان فرار ٿي ويا جڏهن تہ واقعي سبب علائقي ۾ سخت خوف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ غير سرڪاري تنظيم عورت فائونڊيشن جي پروجيڪٽ جذبو پاران سيمينار منعقد

ٺٽي ۾ "انتخابي سڌارن لاءِ اهم تجويزون" جي موضوع تي هڪ ڏينهن وارو سيمينار منعقد ٿيو

سياسي پارٽين ۾ عورتن کي جنرل اليڪشنس ۾ ٽڪ جي اليڪشن ۾ ٽڪيٽون نہ ڏيڻ تي غور ويچار

ممتاز سميجو، نوجوان صحافي عزير پٺو، واپاري اڳواڻ ۽ صحافي ڊرياٽو مل، پيپلز پارٽي جي آمنہ پٺي شريڪ

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ غير سرڪاري تنظيم عورت فائونڊيشن جي پروجيڪٽ جذبو جي هيڊ مس سونيا انصاري جي صدارت هيٺ ٺٽي ۾ "انتخابي سڌارن لاءِ اهم تجويزون" جي موضوع تي هڪ ڏينهن وارو سيمينار منعقد ٿيو جنهن جي پهرين سيشن ۾ ميڊيا سان تعلق رکندڙ نمائندن ۽ عورتن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ تقريب ۾ موجود عورتن پاران ميڊيا جي نمائندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو : غير سرڪاري تنظيم عورت فائونڊيشن جي پروجيڪٽ جذبو پاران سيمينار منعقد ڪيو ويو

ڪڏڙو شهر ۽ پرپاسي سميت برسات جي وڏ ڦڙي جو وسڪارو ڪڻڪ کي نقصان

ڪڏڙو (رپورٽ) ڪڏڙو شهر ۽ پرپاسي سميت برسات جي وڏ ڦڙي جو وسڪارو ڪڻڪ ۽ اڳاٽي وڏل جي فصل کي ڪاٻاري ڏڪ آبادگارن ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي خبر موجب ڪڏڙو شهر ۽ پرپاسي ۾ برسات جي وڏ ڦڙي مينهن جو زوردار وسڪارو ٿيو جنهن سبب روڊن رستن سميت هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪنڌڪوٽ ۾ نوناري اتحاد ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ٻن ڄڻن جي بازيابي لاءِ احتجاج

حسيب نوناري، عبدالرؤف نوناري جي بازيابي لاءِ گهنٽہ گهر کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

استاد جاڙو نوناري، غلام مصطفي ميراڻي، سڄاد بروهي، ارباب علي سبزوئي ۽ ٻين پاران مظاهرو ڪيو ويو

اغوا ٿيل مغوين کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي نہ تہ انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويندا سين:مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب آڏو نوناري اتحاد ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ڪجھ ڏينهن اڳ گهر ويندي اغوا ٿيل حسيب نوناري، عبدالرؤف نوناري جي بازيابي لاءِ گهنٽہ گهر کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي ڊاڪٽر محمد يوسف نوناري، استاد جاڙو نوناري، غلام مصطفي ميراڻي، سڄاد بروهي، ارباب علي سبزوئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نواب شاهه ۾ دي بليسنگ فائونڊيشن پاران 23 مارچ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو ملهايو ويو

ضلعي پروگرام مينيجر عبدالقيوم سومرو ايڇ آر زاهد حسين لاشاري ،ميڊم پارس شاهه پاران ريلي

اسان عهد ڪيون تہ پنهنجي پياري ملڪ پاڪستان جي ترقي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين: اڳواڻ

ملڪ وڏي جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ٿيو آهي يوم پاڪستان هر سال جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون

نواب شاهه(رپورٽ اي ڪي ڏاهري) دي بليسنگ فائونڊيشن پاران 23 مارچ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ضلعي پروگرام مينيجر عبدالقيوم سومرو ايڇ آر زاهد حسين لاشاري ،ميڊم پارس شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

23rd MARCH
PAKI
23

نواب شاهه : دي بليسنگ فائونڊيشن پاران 23 مارچ يوم پاڪستان جو ڏهاڙو ملهايو ويو

رحمت جي مهيني رمضان شريف جي پهرين روزي تي شهر ٻرهون ۾ برسات

ٻرهون (رپورٽر) رحمت ڀريئي مهيني رمضان شريف جي پهرين روزي تي شهر ٻرهون ۽ان جي آس پاس جي ڳوٺن مين رب جي رحمت برسات شروع خدارحم ڪري غريب هارن جو ڪڻڪ جو فصل زمين تي پيل آهي مولا پاڪ رحم فرمائي خيرسان پنهنجي رحمت کي اختتام تائين پهچائين ءِ ٻي پاسي ٻرهون پوليس رمضان شريف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٿر ۾ حڪومت پاران لڳايل سوين آر او پلانٽ ناڪاره بڻجي ويا،ملازم پگهارن کان محروم

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي ڪامورن جون آپريٽرن کي احتجاج ڪرڻ تي اغوا جي ڌمڪين خلاف احتجاج

پگهارون نہ مليون آهن آر او پلانٽ مرمت نہ ٿيڻ سبب ناڪاره بڻجي ويا آهن: عرفان بجير جون ڳالهيون

انجنيئرنگ کاتي ۽ اوصلو ڪمپني ڪروڙين روپيا سنڌ سرڪار کان حاصل ڪرڻ باوجود آر او پلانٽ هلي نہ سگهيا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿر ۾ سنڌ حڪومت پاران لڳايل سوين آر او پلانٽ ناڪاره بڻجي ويا، آر او پلانٽ آپريٽر 31 مهينن جي پگهارن کان محروم، خاندان فاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي ڪامورن جون آپريٽرن کي احتجاج ڪرڻ تي مبينا اغوا ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ، ڌمڪين واري آڊيو وائرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو ۾ آپڪا پاران يوم قرارداد پاڪستان 23 مارچ جي ڏهاڙي جي تقريب منعقد

ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وگڻ ،چيئرمين منير احمد سيال ۽ ٻين پاران شرڪت

قومي ڏينهن تي بزرگن وڏڙن جن پاڪستان جي قائم ڪرڻ لاءِ جاني مالي قربانيون ڏنيون

فرض آهي تہ پنهنجي نئين نسل کي 23 مارچ قرارداد پاڪستان جي اهميت بابت آگاهي ڏيون: اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلع دادو پاران اڄ 23 مارچ تي قرارداد پاڪستان جوڏهاڙو ملهايو ويو. مختلف هنڌن تي تقريبون منعقد ڪري ريلي ڪڍي وئي، آل پاڪستان ڪلارڪ ايسو سيئيشن ضلعي دادوجي سڏ تي ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وگڻ ايسوسيئيشن جي چيئرمين منير احمد سيال، مرڪزي اڳواڻ احمد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو: 23 مارچ جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

محرابپور ۾ نالي واري اديب شاعر ليکڪ ۽ استاد شريف سومرو سان سرهي شام ملهائي وئي

ڪوٽڏڪ ڪبير(رپورٽر) سنڌ جي نالي واري اديب شاعرليکڪ ۽ استاد شريف سومرو سان پريس ڪلب هالاڻي پاران سرهي شام ملهائي وئي تقريب ۾ سکر ڊويزن ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي سوين اديبن شاعرن ليکڪن استادن صوفي فنڪارن ۽ صحافين جن ۾ نالي وارو شاعر غلام علي عامر، گسنا جو اڳوٺو مرڪزي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽي ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ

هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ، ٺٽي جيمين شاهي بازار سمنڊ جو ڏيک ڏيڻ لڳي

وقفي وقفي سان ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين جاري رهي، مواصلاتي نظام درهم برهم

هن پيري پونڌڙ برسات هڪ ڀيرو ڀيهر ٺٽي جي بلدياتي ادارن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا: شهري

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات، ٺٽي شهر سميت ضلعي جي مختلف شهرن جا هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ، ٺٽي جيمين شاهي بازار سمنڊ جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٺٽي ضلعي جي مختلف علائقن جنهن ۾ ٺٽو مڪلي جنگشاهي جهمپير ڪيٽي بندر گهارو ۽ ٻين علائقن ۾ روزي جي پهرئين ڏينهن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات شروع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 24 مارچ 2023ع

ڇا صرف "ڇاپا مار ڪارروايون" سان مهانگائي گهٽجندي؟

اڳ ۾ ئي مهانگائيءَ سبب ماڻهن لاءِ جيئڻ جا گس سوڙها ٿي ويا آهن. غربت انتهائن تي پهتل آهن. زندگيءَ جي اذيت سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي، پر رمضان المبارڪ جو پيارو مهينو ايندي ئي عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن. هڪڙا ته اهي هوند وارا ماڻهو آهن. غربت ۽ نارسائي ته پري جي ڳالهه، موسم جي تلخي به انهن جي پر مان نه گذرندي آهي، پر اڪثريت اهڙي خلق جي آهي، جن جي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن تائين رسائي ناهي هوندي. مهانگائي راڪيٽ رفتاريءَ سان وڌندي آهي ۽ حڪومت وٽ ان مهانگائيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪو به مڪينزم يا طريقيڪار ناهي هوندو. هر ڀيري حڪومت ڪجهه هنگامي نوعيت جي قدمن جو اعلان ته ڪندي آهي، پر اها ڦڪي به فرق ناهي ڪري سگهندي. مئجسٽريٽ وڌيڪ اگهه وٺندڙن دڪاندارن ۽ واپارين تي ڏنڊ وجهندا آهن پر اهي وري ترن جو تيل ترن مان ڪڍي وٺندا آهن. هن ڀيري به ڪو نئون تحرڪ ناهي ورتو ويو. مئجسٽريٽي اختيار، جيڪي اڳ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن وٽ هئا، هاڻي خوراڪ ۽ زراعت کاتي تائين انهن جي وسعت وڌائي وئي آهي. خبر موجب، سنڌ ۾ ذخيرا اندوزي ڪندڙن ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائي لاءِ آرڊيننس لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. آرڊيننس ذريعي خوراڪ ۽ زراعت کاتي جي آفيسرن کي مئجسٽريٽن جا اختيار ڏنا ويندا. آرڊيننس ۾ سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي شيون وڪرو ڪرڻ تي ڏنڊ جي رقم وڌائڻ، گرفتاري، شيون ضبط ڪرڻ ۽ انهن کي نيلام ڪرڻ جا اختيار شامل ڪيا ويندا. سنڌ ڪابينا سنڌ ۾ تعلقي سطح تي بچت بازارون پڻ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جا انتظام ضلعي انتظاميا ڪندي، جڏهن ته صوبائي وزير، صلاحڪار، خاص مددگار، ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز نگراني ڪندا. قيمتن ۾ واڌ جو هڪ سبب ذخيرا اندوزي آهي. ذخيرا اندوزي ڪندڙ مختلف شين جا گدام ڀري، اهي شيون مارڪيٽ مان غائب ڪري مارڪيٽ کي غير متوازن ڪري ڇڏيندا آهن. قيمتون وڌن ٿيون تڏهن ٿيون، جڏهن طلب ۽ رسد جو توازن نٿو رهي. حڪومت جو ان اهم سبب ڏانهن ڌيان ڏيڻ بدران رڳو مئجسٽريٽن ذريعي ڇاپا هڻڻ تي زور آهي. وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن تي جيڪو ڏنڊ وڌو ويندو، ان ڏنڊ جي رقم وري اهي واهپيدارن ۽ گراهڪن کان وصول ڪري وٺندا. مطلب ته اهو ڏنڊ به عام ماڻهن کان وصول ڪيو ويندو. ڄڻ ته اهو ڏنڊ عوام تي وڌو ويو هجي! باقي اهي "نوان مئجسٽريٽ" گدامن تي ڪيترا ڇاپا لڳندا، اهو اڃا اکين پيو ڏسجي. انهن جو نشانو ننڍا دڪاندار، ريڙهن وارا ۽ ننڍا واپاري هوندا. شير شاهه جا شڪرا گهر جا ڪڪڙ ماريندا. وڏين مڇين ۾ هٿ وجهڻ انهن جي وس ۾ نظر نٿو اچي. البت ڪرپشن جا موقعا انهن کي وڌيڪ ميسر ٿيندا، جنهن پاسي پڻ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. سنڌ حڪومت جي ٻن کاتن جي عملدارن کي قيمتن ۾ واڌ کي روڪڻ لاءِ مئجسٽريٽي اختيار ڏيڻ واري فيصلي تي اسان ارها ڪونه آهيون، پر سرڪاري گدامن مان ڪڻڪ چوري ڪندڙن، ٻج، ڀاڻ ۽ باردانن جي ورهاست ۾ ڪرپشن ۽ بيقاعدگين جي هيراڪن تي سخت نگاهه رکڻي پوندي. حقيقت اها آهي ته لهواري لوڪ ۾ اسان اوپارا آهيون. دنيا جي ملڪن ۾ مقدس ڏهاڙن ۽ خاص موقعن تي شين جا اگهه گهٽائي غريب غربي کي اهو موقعو ڏنو ويندو آهي ته پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ به پل خوشين جا خريد ڪري سگهن، پر اسان وٽ معاملو ئي "اور" آهي. هتي دڪاندار، واپاري ۽ ريڙهي وارا سال جي 11 مهينن جو نفعو هن هڪڙي مهيني ۾ ڪمائڻ چاهيندا آهن. ان ڪري رڳو "ڇاپا مار ڪارروايون" سان گڏوگڏ طلب ۽ رسد جو توازن به رکڻو پوندو، جنهن لاءِ به انهن ٻن کاتن کي ذميواري ڏيڻي پوندي. مهانگائي اڳ ئي گهڻي آهي، واپارين ۽ دڪاندارن جي لالچ مهانگائيءَ کي مهميزون هڻندي ته غريب غربو ڪيڏانهن ويندو؟ "ڏاڃي هٽي ڏهه ته ٽوڏو هٽي ٽيرنهن" جي مصداق هيڪوڻي مهانگائي ذخيرا اندوز ڪندا ته واپاري ۽ دڪاندار ٻيڻ تي شيون مهانگيون ڪري غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا.

تحرير جي اهميت ۽ اسان هي تاريخ

سيد عرفان علي شاهه

دنيا ۾ انسانن کان وٺي هر جاندار تي ڏکيو وقت اچي ٿو. لڳي ٿو ته هن گذرندڙ وقت ۾ لکڻ تي به زوال آيل آهي، خاص طور تي اسان وٽ. پر وري سوچيان ٿو ته اسان وٽ لکڻ جو ڪڏهن عروج هو به؟ سوچ جو ڇا آهي، اها گرم صحرا ۾ ڀٽڪندڙ ڪنهن مسافر جيان آهي. ڪڏهن هڪڙي پاسي ته ڪڏهن ٻئي پاسي. اڪثر منهنجي دل چوي ٿي ته پنهنجي قلم ذريعي انهن سان ڳالهايان، جن جو وجود ئي ناهي، يعني ايندڙ نسل سان يا مائرن جي پيٽ اندر يا انهن جي هنج ۾ پلجندڙ ٻارن سان، جن اجا ڳالهائڻ به ناهي سکيو.

انسان جي فطرت ۾ آهي ته هو پنهنجي ڀيٽ ٻين سان ڪري ٿو. ٻه عورتون هڪ ٻئي جي گهرن ۾ شين سان هڪ ٻئي جي ڀيٽ ڪن ٿيون، ٻه بزرگ پنهنجي ڳوٺ يا پرپاسي ۾ پنهنجي رتبي جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪن ٿا، ٻه نوجوان پنهنجي طاقت ۽ سمجهه جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪن ٿا. پوءِ انسان جڏهن ڳوٺ مان نڪري ٻين علائقن ۾ وڃي ٿو ته پنهنجي علائقي جي ٻين علائقن سان ڀيٽ ڪري ٿو، ٻئي ملڪ هليو وڃي ٿو ته ٻين ملڪن سان پنهنجي ملڪ جي ڀيٽ ڪري ٿو. هي ڀيٽ هر انسان ۽ هر فيلڊ ۾ ٿئي ٿي، اهڙي طرح جيڪڏهن تاريخ جا شاگرد پنهنجن علائقن جي تاريخ مان نڪري دنيا جي تاريخ پڙهن ٿا ته ان جي پنهنجي تاريخ سان ڀيٽ ڪن ٿا. آئون سمجهان ٿو اها گهڙي اسان جي تاريخ جي هر سنجيده شاگرد لاءِ تڪليف ڏيندڙ هوندي آهي، جڏهن هو گهرائي ۾ وڃي دنيا جي تاريخ کي پڙهي ٿو ۽ واپس پنهنجي تاريخ کي دنيا جي تاريخ جي روشني ۾ وري پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڀيٽ ڪري ٿو ته جتي دنيا جي تاريخدانن جا هزار کان پندرنهن سئو صفحن جا ڪتاب پڙهڻ بعد سئو کان ڏيڍ سئو صفحن جا ڪتاب پڙهي ٿو ته ان جو روح ڏڪي وڃي ٿو، ڇو جو 150 صفحن جي پوري ڪتاب ۾ ايتري جان ناهي هوندي، جيتري دنيا جي ڪتابن جي هڪڙي چيپٽر (باب) ۾ ملي ٿي. ڇا ڪڏهن توهان کي اهو خيال آيو آهي ته جڏهن سڪندر اعظم دنيا جا ملڪ فتح ڪري رهيو هو ۽ هن سان گڏ هر جنگ ۾ سچي يا ڪوڙي تاريخ لکندڙ يا ان جي منظرڪشي ڪندڙ جڏهن جنگين کي قلمبند ڪري رهيا هئا، ان وقت اسان جي خطي جا حڪمران ڇا ڪري رهيا هئا؟ سچا يا ڪوڙا ماضي جا به اڍائي هزار سال جي دنيا جي تاريخ سان اسين جيترا به واقف آهيون. اها ان دور جي ليکڪن جي مهرباني آهي. اڄ اسين محتاج آهيون. انهن کي پڙهي ماضي جي باري ۾ معلومات ۽ راءِ حاصل ڪرڻ جا، چاهي اها تاريخ جي ڪنهن بادشاهه پنهنجي تعريف ۾ لکرائي هجي يا پروپيگنڊه ۾. مثال طور: هڪ انگريز جاسوس لارنس جيڪو لارنس آف عربيه جي نالي سان مشهور ٿيو. هن هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو ان وقت جو مشهور ترين ڪتاب هو ۽ اڄ به شايد ڪلاسڪ ڪتابن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان کان وڌيڪ بيڪار ڪتاب مون پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن ناهي پڙهيو. ڇهن سالن کان وڌيڪ ٿي ويا آهن ۽ آئون اجا تائين ان ڪتاب کي ختم نه ڪري سگهيو آهيان. برطانيا جي هزارين ايجنٽن مان هڪ جاسوس، جنهن کي هڪ سلطنت ٽوڙڻ جو ڪم ڏنو ويو هو. جنهن جي ذريعي ڪيترن ئي قبيلن جي سردارن کي مبينا پگهار ۽ هٿيار ملندا هئا. انگلينڊ جي ريڊنگ اسٽيشن تي لارنس کان ان ڪتاب جو مواد گم ٿي ويو هو. هن پنهنجي يادداشت تي پورو ڪتاب لکي ڇڏيو. ڪا به تفصيل 48 ڪلاڪن ڪانپوءِ ياد رکڻ تمام گهڻو مشڪل ٿي وڃي ٿو. اصل ۾ هي هڪ پروپيگنڊه ڪتاب هو. هڪ ٻيو مثال وٺون ته اڄڪله سلطنت عثمانيه تي ترڪي جي حڪومت ڪافي ڊراما ۽ ڪتاب لکرائي رهي آهي. جنهن ٿوري گهڻي تاريخ پڙهي آهي، انهن کي خبر آهي ته عثمانين جي تاريخ تمام گهڻي لکي وئي آهي پر هن هاڻي وڃي نون تفصيلن سان گڏ تاريخ لکڻ شروع ڪئي آهي ۽ اڄ اهو سڄو مواد انهن کي دنيا ۾ پنهنجو هڪ مقام ٺاهڻ ۾ ڪم اچي رهيو آهي. هن جنگين ۽ عام ترڪن مان ننڍن ننڍن ڪردارن کي "هائيلائيٽ" ڪري انهن کي پنهنجي تاريخ جا عظيم ڪردار ٻڌائي ڇڏيو آهي. ايندڙ وقت ۾ هي ترڪي جي تاريخ جو هڪ روشن باب بڻجي ويندو ۽ دنيا انهن کي پڙهندي. هاڻي جيڪڏهن آئون پنهنجي گهر جو مثال وٺان، منهنجي ڳوٺ ويجهو هڪ عظيم انسان پيدا ٿيو، جنهن جو نالو غلام محمد پرڳڙي هو. بيشڪ ڪو ان کي وڏي ڪنڊ جي سياستدانن ۾ تمام ننڍو يا سنڌ ۾ تمام وڏو سياستدان سمجهي پر منهنجي علائقي ۾ هو پنهنجي وقت جو هڪ تمام وڏو سياستدان هو. مونکي سندس خاندان وارن سان ڪا شڪايت ڪانهي، ڇو جو هو سندس ڇڏيل شين جا وارث آهن پر پرڳڙي صاحب جي سياسي "ليگيسي" جا وارث اسين سڀ آهيون. اسان ان لاءِ ڇا ڪيو؟ اهڙي طرح حيدرآباد جو مير رسول بخش ٽالپر هو، ڇا ته عظيم ڪردار انسان هو پر ڪو يادگار به سندس نالي تي يا ڪو ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ منهنجي علم ۾ ناهي. اهڙي طرح هر علائقي، هر ڳوٺ جا ڪردار هئا، جن کي اسان پنهنجي تاريخ ۾ جڳهه ناهي ڏني. جڏهن دنيا ۾ پنهنجو تعارف ڪرائڻ جو وقت ايندو ته اسين ڪهڙي طرح پنهنجو تعارف ڪرائينداسين؟ مونکي اهو احساس آهي ته آئون تمام گهٽ علم رکندڙ ۽ ننڍو ليکڪ آهيان. منهنجي لکيل هنن لفظن جي شايد ڪا اهميت نه هجي پر آئون پنهنجي ايندڙ نسلن جي لاءِ فڪرمند آهيان. چاهي هڪ سطحي پيغام پر آئون انهن جي لاءِ ڪجهه لکي ڇڏي وڃڻ چاهيان ٿو. شايد منهنجا چند معمولي الفاظ انهن کي ڪڏهن پنهنجو تعارف ڪرائڻ ۾ ڪم اچي وڃن. هٽلر پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته تحرير کان وڌيڪ تقرير دنيا ۾ انقلاب آندا آهن. جيڪڏهن ايئن آهي ته هٽلر کي اها ڳالهه لکڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي. هڪ زماني جي لاءِ ته اها ڳالهه درست ٿي سگهي ٿي پر ايندڙ وقتن جي لاءِ تحرير ئي هميشه رهڻ واري آهي. جيڪڏهن اڄ تخت جمشيد (شيراز- ايران) جي محل جي ڪنڊرن جي ديوارن تي نقش نگاري، مصر جي اهرامن ۾ جانورن جي تصويرن کان وٺندي اڄ تائين دنيا جي لکي ويندڙ زبانن کي تحرير نه ڪيو وڃي ها ته اسان کي ايتري به خبر نه هجي ها، جيتري اسين ڄاڻون ٿا. اڄ هي جيڪو اسين سڀ امير ماڻهن جي ويجهو نظر اچڻ چاهيون ٿا، مهانگيون شيون خريد ڪري پنهنجي بالادستي ٻين تي قائم ڪرڻ چاهيون ٿا، پنهنجي نالن جي اڳيان پويان ايترا خطاب لڳايون ٿا، اهي صرف ان لاءِ آهن ته اسان جو ڪو عرفان (سڃاڻپ) ناهي. حال ۾ ئي دنيا جي امير ترين، بلڪ ايئن چئون ته ڪامياب ترين شخص ايلون مسڪ قطر ۾ فيفا فٽ بال جو ورلڊ ڪپ ڏسڻ آيو. سوشل ميڊيا تي تصوير وائرل ٿي، جنهن ۾ هو اسٽيڊيم جي اندر وڃي رهيو هو. ان جو لباس هڪ سادي سائي رنگ جي شرٽ ۽ ڪاري پتلون هئي. ايتري سادي شرٽ، جنهن کي اسين شايد شاپنگ مال ۾ به پائي نه وڃون. پر ان شخص جو ڪم ايترو وڏو آهي، جو جيڪڏهن سندس مٿي تي ڪوهه نور هيرو به سجايو وڃي ها ته سندس حيثيت ۾ ڪو اضافو نه ٿئي ها. ها، هيري جي سڃاڻپ اڃا وڌي وڃي ها. قومن جي تاريخ ايندڙ نسلن کي سڃاڻپ ڏئي ٿي، جيڪڏهن تاريخ نه لکي وڃي، قومي ڪردارن کي نه ڳاهيو وڃي ته پوءِ ڇمڙن جيان هر شئي سان چنبڙي پنهنجي سڃاڻپ ٺاهڻي پوي ٿي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَروڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄَڻُ پَرِ پِرين جي.

گفتار ڏنگي استاد .. جاٽي دوس!

عزيز سولنگي

"پورل منهنجي پر ۾، ريوالو منهنجي وَرِ ۾" .. اهو شايد 1990ع وارو ڏهاڪو هو. ڪئسيٽي ڪلچر مات نه ٿيو هو. ڇو ته ان وقت تائين ميڊيا کي مشرفي لائسنس نه مليا هئا. تڏهن بسن ۾، پاڪڙا هوٽلن تي ۽ ٻني ڪيڙيندڙ ٽريڪٽرن جي ڪن– ڦاڙ اسپيڪرن تي اهو ڪلام وڄندو هو "پورل منهنجي پر ۾، ريوالو منهنجي وَرِ ۾" .. تڏهن مُچون وٽڻ ايترين مهانگيون نه هيون. تيل بنهه سستو هوندو هو. اها انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، عشق جڏهن "ڪنٽينرائزڊ" نه ٿيو هو. عشق ۾ ٻُڏي مرڻ جو رواج ته پراڻو رهيو آهي، پر معيار اهو هو ته. "يا واهڙ جي، يا ساهڙ جي". فيض جي لفظن ۾: "يا ڪوڏار، يا سوڏار!" پر هاڻي ته معيار اتي وڃي بيٺو آهي ته. "نه واهڙ جي، نه ساهڙ جي". هاڻي سهڻيون ڏاگهه چڙهڻ کان اڳ ڪنٽينر تي چڙهي وينديون آهن ۽ اهو پشتو "ٽپو" پنهنجي يادداشت ۾ هٽيڪو ڪري ڇڏينديون آهن: "محبوب جي مِنين سان ڳاڙها ٿيل منهنجا چپ ڏسي امان پڇندي ته چونديس: ڏاڙهون کائي آئي آهيان". ان واردات کان پوءِ 'ڏاڙهون کائڻ' به اصطلاح بڻجي ويو آهي! هڪ سهيليءَ ٻيءَ کان پڇيو: "شفق جا سمورا رنگ تنهنجي چپن تي اُڀري آيا آهن. ڏاڙهون ته ڪونه کائي آئي آهين؟!" سهيليءَ وراڻيو: "ڏاڙهون يا ته قنڌاري هجي، يا ڪنڌار هجي. پنهنجي اهڙي قسمت ڪٿي!" سو پاڻ ڳالهه پئي ڪئي پورل. ان سان گڏ ويٺل آپگهاتي عاشق ۽ ان جي وَرِ ۾ لڳل ڪارتوسي ريوالي جي (آپگهاتي عاشق بابت اوهان کي ڪنهن ٻي تحرير ۾ ٻڌائبو). اهو پورل پوءِ ڪئسيٽ مان نڪري سياست ۾ پهچي ويو. پاڪستاني سياست ۾ به "آپگهاتي عاشقن" هڪ پورل جي چونڊ ڪئي. انکي پستہ بادام کارائي مڇائي مواڙ ڪري، ان جون ڪڙاهون ڇهنباريون ۽ تيز ڪري، سياسي ميل جي پڙ ۾ لاٿو ته. پورل پڙ ۾ پرزا ٿيڻ بدران پڙ ڪڍي ويهي رهيو. چئي: "منهنجو مقابلو بازءِ شهباز سان آهي". کيس گهڻوئي سمجهايائون ته. اهو شهباز ناهي، پيڙهياتو ڪڪڙ آهي. تون پڙ مان پلٽون کاءِ، پڙ مان پلٽو کائيندڙن جو انتظار تيز ڪاتي ڪندي آهي! تڏهن کان هو پيو چوي ته. "هي ميلائي مونکي مارائيندا. منهنجي "مارين" جون آئون ٻوليون سڃاڻان!" جن مان کيس خطرو آهي. هاڻي ته انهن جا نالا به ٻڌائي ڇڏيا اٿس. انهن ۾ هڪ نالو عزرائيل جو پڻ آهي. هاڻي ريوالو آپگهاتي عاشق جي وَرِ ۾ نه پر پورل جي هٿ ۾ آهي. هو عاشقن جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺل آهي. کيس ڇاتيءَ تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته چوي ٿو: "ڇاتيءَ تان لٿس ته هو مونکي مارائي ڇڏيندا". چون ٿا ته هو وڏو "لکي" آهي ۽ "لکي سرڪس" وڏي مهارت سان ڪري ويندو آهي. ڪجهه وقت ته هو ان سرڪس ۾ "لاهوري شينهن" کي هنٽر سان هلائيندو رهيو هو. ڪي چون ٿا ته هن گهڙي وڪٽي ڇڏي، پر ڪي وري اهو ٿا چون ته. هن نه صرف هڪڙي گهڙي پر سمورو وقت ئي وڪٽي ڇڏيو. هاڻي وقت سندس ناهي رهيو. کيس خوف آهي ته بلوچستان ڪٿي وڃي سائنس به اها ڪار ڪندا، جيڪا انهن گل ۽ بابا سواتي سان ڪئي هئي. انهن ڇا ڪيو هو. اها ڳالهه به پورل اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهي. هو دانهون به پيو ڪري ۽ ڇاتيءَ تان به نٿو لهي. چون ٿا ته هو بار بار اهو الزام هڻي اصل ۾ اها ترغيب ڏيئي رهيو آهي ته. "آ بل مجهه مار!" هو آئين جو ٿو چوي؟ چوڻ وارا چون ٿا ته. هو ترغيب پيو ڏئي. هن جي من جو مقصد اهو آهي ته.

چو نه مروڙيئي ٻانهن، چو نه ڇُهيا تو ڳلڙا،
ڪوڙي منهنجي ڪِيڪَ هئي، دولابي هئي دانهن،
تاثير ٿي تو ڏانهن، پوءِ به نه سمجهيئي سانورا.

ها. هن جي ڪِيڪَ ڪوڙي آهي، هن جي دانهن دولابي آهي. توڙي جو هو ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺل آهي، پر جن جي ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺو آهي، انهن کي به آسيس پئي اچي. هن هراسمينٽ جا ڪئين هٽ کوليا آهن. ميڊيا کي موقعن جا وکر پيو اچي. مٽرڪا سندس متوالا آهن. کيس انصاف جي ٿر ۽ ٽاڪ جي ڪڙهه تان ئي پئي ٽپري، سندس ڪاروان جي بس جي لوهي چادر وڄائي، آشيرواد ڏيندي چيو ٿو وڃي: "استاد . جاٽي دوس!"

****

بقايا 01

جو سڄي پاڪستان مان ماڻهو مفت علاج لاءِ سنڌ اچي رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن جوهر چورنگي فلائي اوور جي افتتاحي تقريب جي موقعي تي ليبر کاتي واري صوبائي وزير سعيد غني ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي قانون بابت صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه تنقيد جو نشانو بڻيل رهي آهي پر پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ بهترين ڪم ڪري ڏيکاريو آهي جيڪو اڄ تائين ڪنهن به سياسي پارٽي نه ڪيو آهي. هن چيو ته 2018ع ۾ عمران خان کي جعلي مينڊيٽ ڏنو ويو ۽ پي ٽي آءِ جي ماڻهن جعلي طريقي سان کٽيو يا انهن کي جعلي طريقي سان کٽرايو ويو. هن چيو ته اهي ماڻهو پنهنجي ٽڪن ۾ به نه ويا. انهن حلقن ۾ هن لاءِ تلاش گمشدگي جا بينرز لڳل آهن. هن چيو ته عمران خان پاڻ ڪراچي جي گلستان جوهر واري ٽڪ تان کٽيو. بعد ۾ هن ڪراچي ۾ هڪ رات به نه گذاري. هن چيو ته انهن ماڻهن جي سياست جو محور يا ته امپائر جون آڱريون آهن يا پرڏيهي طاقتون جيڪي پاڪستان کي ناڪام ڏسڻ چاهين ٿيون. انهن ماڻهن جي اصليت سڄي عوام کي واضح ٿي وئي آهي. انهن جي سياست نه هن قوم لاءِ آهي، نه هن ملڪ لاءِ ۽ نه ئي عوام لاءِ بهتر آهي. هن چيو ته عمران خان ڏينهون ڏينهن ايڪسپوز ٿيندو پيو وڃي. عمران خان روزانو نيون ڪهاڻيون بيان ڪري ٿو. هن چيو ته هو سمجهي ٿو ته ڪراچي جي عوام بلدياتي چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ڪراچي جي ماڻهن کي لتون هڻي ڀڄايو ۽ انشاءَ الله ايندڙ عام چونڊن ۾ به پي ٽي آءِ کي ناڪامي نصيب ٿيندي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام اکيون کولي ۽ ڏسي ته عمران خان هن وقت ملڪ خلاف خطرناڪ سازش ۾ مصروف آهي. سڄي دنيا جا لابسٽ ۽ سڄي دنيا جا اهي ماڻهو جيڪي ڪڏهن به پاڪستان جي حق ۾ ناهن رهيا ۽ ماضيءَ ۾ پاڪستان جي خلاف وڏين سازشن ۾ ملوث رهيا آهن ۽ هاڻي عمران خان جي حمايت ۾ کليل طور تي سامهون اچي رهيا آهن. صوبائي وزير چيو ته ٻلي ٿيلهي مان هاڻ ٻاهر نڪري آئي آهي، اها ڳالهه مان اڳ ۾ به چوندو رهيو آهيان ته عمران خان جي ويڙهه نه مسلم ليگ (ن) سان آهي، نه پيپلز پارٽيءَ سان ۽ نه ئي ڪنهن اداري جي سربراهه سان آهي. عمران خان جي ويڙهه هن ملڪ سان آهي. هو هن ملڪ خلاف وڙهي رهيو آهي. صوبائي وزير چيو ته پاڪستان جي عوام کي هاڻي ان شخص جو مقابلو ڪرڻو پوندو جيڪو پاڪستان خلاف وڙهي رهيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جماعت اسلامي کان وڌيڪ سيٽون پاڪستان پيپلز پارٽي کٽيون آهن. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ سبب قسمتي طور جماعت اسلامي سيٽون کٽيون، جيڪو دراصل ايم ڪيو ايم جو مينڊيٽ هو. هن چيو ته اها ساڳي جماعت اسلامي نه رڳو ڪراچي مان اليڪشن وڙهي رهي هئي پر حيدرآباد مان به وڙهي رهي هئي. حيدرآباد جي عوام جنهن طريقي سان جماعت اسلامي کي ووٽ نه ڏنو. ان ئي طريقي سان ڪراچي جي عوام کي به ايئن ڪرڻو هو پر ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ سبب هنن کي آڪسيجن ملي وئي.

بقايا 02

ڪندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته سستي پيٽرول جي فراهمي بابت ميڪنزم جوڙيو ويو آهي.

بقايا 03

خان ٽيسوري سان گڏ باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سندس مزار قائد تي حاضري ڀرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان جا دشمن هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ دهشتگردي پکيڙي رهيا آهن. پشاور ۾ جمعي جي نماز دوران مسجد تي آپگهاتي حملو ڪري نمازين کي شهيد ڪيو ويو، ڪراچي ۾ ڪي پي او آفيس تي حملو ڪيو ويو. پاڪ فوج جي برگيڊيئر مصطفيٰ ڪمال برڪي کي انگوراڏي ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٽن سيڪيورٽي اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو. هن پنهنجي عزم کي ورجايو ته اسان دهشتگردي کي هڪ ڀيرو ٻيهر شڪست ڏينداسين. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته اهل سنت والجماعت جي مولانا سليم کتري، مولانا عبدالقيوم، ماهر تعليمدان خالد رضا جو قتل ۽ اهڙا ٻيا واقعا پڻ دهشتگرديءَ جو حصو آهن. هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سندس حڪومت جي هدايتن تي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ڪابينا 15.6 ارب رپين جي رمضان پيڪيج جي منظوري ڏني آهي جنهن تحت هر ڪٽنب کي بينظير انڪم سپورٽ ذريعي 2 هزار رپيا روڪ ۽ 30 ڪلو اٽو 65 رپيا في ڪلو جي حساب سان خريداري ڪرڻ تي رعايت ڏني ويندي ۽ ٻيا گهٽ آمدني وارا ماڻهو جيڪي بينظير انڪم سپورٽ جو حصو نه آهن اهي پنهنجي اهليت ۽ تصديق لاءِ 8171 تي پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر موڪلي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا يا پاڻ کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ ويجهو بي آءِ ايس پي سينٽر تي وڃي سگهن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ذخيري تي ضابطو آڻڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪيو پيو وڃي. آرڊيننس موجب اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ، هٿرادو مهانگائي ۽ ذخيري کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اختيار روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي ڏنا ويا آهن. پاڪستان ڏهاڙي بابت ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ اسيمبلي کي مارچ 1943ع ۾ پاڪستان جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ جدوجهد سان هن ملڪ کي ٺاهيو. هن چيو ته هاڻي اها اسان جي ذميواري آهي ته هن ملڪ کي ايترو مضبوط بڻايون ته جيئن اسان جا ايندڙ نسل محفوظ ۽ سٺي زندگي گذاري سگهن. هن ڏينهن تي اسان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ياد ڪرڻ گهرجي جن هن ملڪ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. سنڌ جي وڏي وزير والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ڏاڍ جي مذمت ڪندي ڪشميري عوام کي ڀارتي قبضي خلاف جدوجهد تي خراج تحسين پيش ڪيو. مراد علي شاهه رمضان المبارڪ جي شروع ٿيڻ تي سڄي مسلمان امت خاص ڪري پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام کي مبارڪباد ڏني. هن چيو ته هي مهينو اسان کي قرباني ڏيڻ، ضرورتمند جي سهائتا ۽ غريبن جي مالي مدد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي روزي بابت تعليم تي عمل ڪرڻ گهرجي. ان کان اڳ سنڌ جي وڏي وزير باباءِ قوم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه پڙهي ۽ پاڪستان ڏهاڙي تي مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات درج ڪيا.

بقايا 04

، سندس موجب عمران خان پوليس وارن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو آهي، وري سيڪيورٽي به گهري رهيو آهي. عمران خان جي پوليس کي گارگند ۽ ڌمڪيون غلط ڳالهه آهي.

بقايا 05

کي عدليه ۽ وڪيلن سان ان اميد سان گڏ بيهڻ گهرجي ته هو آئين جي حفاظت ڪندا ڇو ته جيڪڏهن اڄ (اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي) مڃيو ويو ته اهو پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني جو خاتمو آهي. عمران خان چيو ته اسان پنهنجي 2 صوبائي اسيمبلين کي ان اميد سان ٽوڙي ڇڏيو هو ته چونڊون 90 ڏينهن ۾ ٿينديون جيئن آئين ۾ لکيل آهي. اسان اها ڪارروائي آئين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي يا دهشتگردن جو راڄ مڙهڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ناهي ڪئي. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن پنجاب اسيمبلي جون 30 اپريل تي ٿيندڙ چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون آهن. اليڪشن ڪميشن جي نوٽيفڪيشن موجب پنجاب اسيمبلي جي چونڊن لاءِ 8 آڪٽوبر جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. هوڏانهن نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته پنجاب اسيمبلي جي چونڊن لاءِ امن امان جي صورتحال سازگار ناهي.

بقايا 06

ڪورٽ هئي. ڪالهه خبر پئي ته اسان پارليامينٽ جي ايجنڊا جو حصو ئي نه هئاسين، پارليامينٽ ۾ گڏيل اجلاس سپريم ڪورٽ تي حملي لاءِ سڏايو ويو، اسان چونڊن تي ڳالهين لاءِ تيار آهيون، پنجاب ۾ چونڊون 30 اپريل تي ٿيڻيون آهن. ان کان اڳتي وڃڻ جي گنجائش ناهي، سپريم ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪري استدعا ڪئي ته 30 اپريل تي چونڊون ڪرايون وڃن

بقايا 07

ملڪ سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي، ٻن اسيمبلين جون الڳ الڳ چونڊون ڪرايون ويون ته ملڪ مستقبل ۾ بحران جو شڪار ٿيندو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعظم نذير تارڙ چيو ته آئين موجب سموري ملڪ ۾ چونڊون هڪ ئي وقت ٿيڻيون آهن. ٻنهي صوبن ۾ عام چونڊن تائين نگران سيٽ اپ برقرار رهندو. ٽئين ڌر کي موقعو ڏيڻ بدران اليڪشن ڪميشن جي فيصلي جو احترام ڪيو وڃي. عمران خان گرينڊ سياسي ڊائيلاگ چاهي ٿو ته اسان تيار آهيون.

بقايا 08

ڪيو آهي. اها فرم پي ٽي آءِ اڳواڻن جي آمريڪا جي فيصلا ڪندڙن سان ملاقاتن جو انتظام ڪندي. هن جو چوڻ آهي ته پاڪستان جا آمريڪا سان لاڳاپا تباهه ڪندڙ عمران خان هاڻي پنهنجا آمريڪا سان لاڳاپا بهتر ڪري رهيو آهي. عمران خان کي اهڙن معاهدن جو قوم کي جواب ڏيڻو پوندو

بقايا 09

جي فيصلي آئيني بحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي. آئين ۾ چٽو لکيل آهي ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿينديون. هن چيو ته هاڻ سپريم ڪورٽ جو امتحان آهي ته هو غير آئيني ۽ غيرقانوني حڪومت کي هلڻ ڏئي يا انهن مٿان آرٽيڪل 6 لڳائي ٿي. اڳوڻي گهرو وزير پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته چيف جسٽس به اهو چئي چڪو آهي ته شفاف چونڊن ۾ بدنيتي تي مداخلت ڪنداسين. شيخ رشيد چيو ته نگران حڪومت جي هاڻ ڪا به حيثيت ناهي. پاڪستان ۾ تماشو لڳايو ويو آهي. هن چيو ته 13 جو ٽولو تباهي ۽ بربادي جي نشاني بڻجي ويو آهي. آءِ ايم ايف ۽ دوست ملڪ سياسي طرفان مدد کان انڪار ڪيو پيو وڃي، آءِ ايم ايف سان 3 اجلاس ناڪام ٿي ويا آهن. پيٽرول جي سبسڊي جو ڊرامو ۽ واپس ورتو ويو آهي. شيخ رشيد چيو ته جڏهن حڪومت آئين کي نه مڃيندي ته عوام حڪومت کي ڇو مڃيندو. اڄ موڪل آهي، سپاهي کان سپريم ڪورٽ جي دروازي طرف عوام جون نظرون کتيون هونديون. ملڪي ۽ پرڏيهي سرمائيڪارن جي لاءِ به منفي پيغام پيو وڃي، قوم کي ٻڌايو وڃي ته ملڪ کي ڪهڙي طرح وٺي وڃڻو آهي. ترڪي ۾ زلزلي سبب 50 هزار ماڻهو مري ويا پر اتي به چونڊ شيڊول تبديل نه ٿيو

بقايا 10

وقت وفاق ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ٿينديون. اطلاعات واري وزير چيو ته اليڪشن ڪميشن سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان ملڪ ۾ سياسي استحڪام جي ضمانت ملندي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ ماڻهوءَ جي انا سبب ٻن صوبن تي زبردستي چونڊون مڙهيون پيون وڃن. جڏهن قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿينديون ته ٻن صوبن ۾ حڪومتون قائم ٿينديون. 30 اپريل تي 2 صوبن ۾ چونڊون ٿيون ته اهي هميشه جي لاءِ تڪراري ٿي وينديون. چونڊون 30 اپريل تي ٿيون ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ 6 مهينا اڳ اسيمبليون ختم ٿي وينديون. اليڪشن ڪميشن پنهنجي فيصلي سان ملڪ کي وڏي آئيني بحران کان بچائي ورتو. هن فيصلي سان ملڪ ۾ سياسي استحڪام ايندو. مريم اورنگزيب چيو ته هڪ ماڻهوءَ جي مرضي تي آئين نٿو هلي سگهي. هو جڏهن چاهي آئين کي ٽوڙي ڇڏي ۽ جڏهن چاهي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. اهو هاڻ نه هلندو. هو جڏهن چاهي پوليس وارن جا مٿا ڦاڙي ڇڏي، اهو برداشت نه ڪنداسين. اليڪشن ڪميشن معاشي، سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال کي آڏو رکندي فيصلو ڪيو. اليڪشن ڪميشن جو فيصلو پاڪستان جي مفاد ۾ آهي. آئين جي آرٽيڪل 218 جي تحت اليڪشن ڪميشن کي يقيني بڻائڻو آهي ته شفاف، اڏريون ۽ منصفاڻيون چونڊون ٿين.

بقايا 11

ڪورٽ بار چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن چونڊون آڪٽوبر ۾ ڪرائڻ جو اعلان ڪري آئين لتاڙي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن ڪنهن به صورت ۾ اليڪشن ملتوي نٿي ڪري سگهي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني مينڊيٽ ۽ عدالتي فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪئي، اليڪشن ڪميشن 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جي پابند آهي. آئين تحت نگران حڪومت به 90 ڏينهن کان وڌيڪ نٿي هلي سگهي، اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان ملڪ ۾ ڏڪيڙ پکڙجندو

بقايا 12

سان ڳالهيون ڪندي عامر چيو ته عمران خان بي بنياد الزام لڳائي عدالتن مان ڇوٽ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. هو زمان پارڪ جو نوگو ايريا اسٽيٽس بحال ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن کيس جي آءِ ٽي تي ڀروسو ناهي ته پوءِ هن پوليس جي سيڪيورٽي ڇو حاصل ڪئي آهي. هن چيو ته عمران خان جي گهر تي ڇاپي بابت اسان وٽ ڪا به اطلاع ناهي. اها هن جي هڪ نوڪي ڪهاڻي آهي. عمران خان پنهنجي قتل جي سازش واري الزام تي قائم آهي ته ان جو گڏيل ثبوت فراهم ڪري ٻي صورت ۾ سندس خلاف قانوني ڪارروائي لازمي آهي.

بقايا 13

راڄڌاني اسلام آباد ۾ 31 ۽ صوبائي راڄڌانين ۾ 21_21 توپن جي سلامي سان ڏهاڙي جي شروعات ڪئي وئي. علامه اقبال جي مزار تي گارڊز جي تبديلي جي تقريب، ننڍن وڏن شهرن ۾ تقريبون، موسم جي خرابي سبب ايوان صدر آڏو 23 مارچ جي رٿيل پريڊ واري تقريب ملتوي ڪئي وئي. ايوان صدر مان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته ملتوي ڪيل تقريب هاڻي 25 مارچ تي ٿيندي. يوم پاڪستان جي موقعي تي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ گورنر ڪامران ٽيسوري طرفان قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري وئي. گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي، ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص پاران به قائد اعظم جي مزار تي حاضري. ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص طرفان مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي، ڊي جي رينجرز وزيٽرز بڪ ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا.

بقايا 14

هن ڀيري پاڪ فوج جي پريڊ شڪرپڙيان جي بجاءِ ايوان صدر ۾ منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. روايتي پريڊ محدود پيماني تي ڪرائڻ جو فيصلو ڪفايت شعاري پاليسي جي تحت ڪيو ويو. ياد رهي ته اڄ يوم پاڪستان جي موقعي تي اسلام آباد ۾ ڏينهن جي شروعات 31 توپن جي سلامي سان ٿي جڏهن ته سمورن صوبائي گادي وارن شهرن ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ 21 توپن جي سلامي ڏني وئي.

بقايا 15

۾ وجود ۾ آيو ۽ ان جو مستقبل آئين جي روح موجب هلندو آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جو مقدر عظيم بلنديون حاصل ڪرڻ آهي. هن حقيقت بڻجڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي صفن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻو پوندو. پنهنجو پاڻ کي قومي مقصد لاءِ سنوارڻو پوندو ۽ پنهنجن وڏن جي وراثت موجب جدوجهد ڪرڻ جو ارادو ڪرڻو پوندو. هن چيو ته پاڪستان جو قيام يقينن 20هين صدي جو معجزو هو.

بقايا 16

شاهه ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. فلاءِ اوور 85 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ساڍا چار مهينن ۾ مڪمل ڪئي وئي، مراد علي شاهه چيو آهي ته فلاءِ اوور بعد انڊر پاس جو ڪم به جلد مڪمل ڪيو ويندو.

بقايا 17

جي بابرڪت مهيني ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جي ترقي، خوشحالي ۽ حفاظت لاءِ خاص دعائون ڪيون وڃن. حڪمرانن جي نااهلي سبب مهانگائي غريبن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، پرائس ڪنٽرول ڪرڻ جا ادارا نظر نٿا اچن. عوام بکن سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن، جڏهن ته امن امان جي صورتحال بدترين ٿي وئي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن ڊالميا روڊ تي فنڪشنل ليگ اڳواڻ سيد عقيل حيدر شاهه پاران ڪوئلا ڪنگز ريسٽورنٽ جي افتتاحي دعوت جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو، سيد صدرالدين شاهه وڌيڪ چيو ته حڪومت جي رٽ ڪٿي به نظر نٿي اچي، سنڌ حڪومت آئين پٽي هلي جيئن بنا ڊرائيور جي گاڏي هلندي آهي، سنڌ جي عوام کي هن عوام دشمن حڪمرانن جي آسري تي نٿا ڇڏي سگهون. عوام کي ڪڏهن به بي يار مددگار ڇڏينداسين، حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ پنهنجا کيسا ڀرڻ ۾ پورا آهن. ٻوڏ متاثر هيل تائين کليل آسمان هيٺ بکيا اڃيا ويٺا آهن. هن چيو ته سنڌ جي نااهل ڪرپٽ حڪمران اٽو چوري ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي، سنڌ ۾ صحت، تعليم، آبپاشي جو نظام مڪمل طور تي تباهه، برباد ٿي ويو آهي. سنڌ جو عوام بدحال آهي ۽ حڪمران خوشحال ٿيندا پيا وڃن. سنڌ ۾ ترقياتي ڪم نالي ماتر ٿين ٿا صرف ڪاغذن جو پيٽ ڀريو ٿو وڃي. هن چيو ته نوجوانن کي اڳتي اچڻو پوندو. مستقبل نوجوانن جو آهي اسان نوجوانن کي گڏ کڻي هلنداسين.

بقايا 18

آهي ته سموري پاڪستاني قوم کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. يوم پاڪستان تي پوري قوم پاڪستان جي باني کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي. صدر عارف علوي چيو ته ڀارت ۾ اقليتن خاص طور تي مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم اهو ثبوت آهي ته مسلمان قيادت هڪ دانشمند فيصلو ڪيو. يوم پاڪستان اسان کي هڪ قوم جي حيثيت سان ڪاميابين ۽ ناڪامين جي جائزو وٺڻ جي يادگيري ڏياريندو آهي. هن چيو ته آزادي وقت اسان ڪيترن ئي چيلنجز کي منهن ڏنو. مختلف چيلنجز باوجود اسان لاڳيتو محنت ۽ قابليت سان هر شعبي ۾ تمام گهڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون.

بقايا 19

صحافي مجيب الرحمان شامي، جاويد چوڌري ۽ نديم ملڪ ۾ ايوارڊ حاصل ڪندڙن ۾ شامل آهن. مشهور شاعر ساگر صديقي جو ستاره امتياز جو ايوارڊ سيڪريٽري وزارت قومي ورثو وصول ڪيو، پي ڪي ايل آءِ جي بورڊ آف گورنرز جي چيئرمين ڊاڪٽر سعيد اختر ۽ مشهور سماجي اڳواڻ رمضان ڇيپا کي به اعزاز سان نوازيو ويو. مشهور اداڪار بهروز سبزواري، ميزبان ۽ گلوڪار فخر عالم ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان بابر اعظم کي ايوارڊ ڏنا ويا، بابر اعظم پنهنجو اعزاز گورنر هائوس لاهور ۾ ٿيندڙ تقريب ۾ وصول ڪيو. صدر عارف علوي چيو ته چيلنجز باوجود پاڪستان شاندار ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، يوم پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر چيو ته اسان کي قانون جي حڪمراني ۽ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. وزير اعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان جو قائم ٿيڻ 20 هين صدي جو هڪ وڏو معجزو آهي، اسان اڄ سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام کي منهن ڏئي رهيا آهيون، اسان کي پنهنجي صفن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻو آهي، پاڪستان جو مقدر عظيم ڪاميابيون حاصل ڪرڻ آهي

بقايا 20

خان ٽيسوري هڪ مشهور بزنس مين ۽ انسان دوست پڻ آهي ۽ کيس 9 ڀيرا بيسٽ ايڪسپورٽرز ٽرافي ۽ 3 ڀيرا بزنس مين آف دي ايئر جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. ان کان علاوه کيس گولڊن سن جو ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي، وزيراعظم محمد شهباز شريف سنڌ جي گورنر کي امتيازي تمغا ملڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اهو ايوارڊ سندن خدمتن جو اعتراف آهي، گورنر سنڌ چيو ته هن ايوارڊ لاءِ الله تعاليٰ جي اڳيان سرجهڪايو، هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته صوبي جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ محنت ۽ لگن سان ڪم ڪندس

بقايا 21

صوبائي وزير چيو ته اڄ اسين باباءِ قوم ۽ آزادي جي تحريڪ جي سمورن اڳواڻن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن برطانيا جي قبضي هيٺ هندستان جي مسلمانن کي متحد ڪيو ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختار مسلم رياست جي قيام لاءِ جدوجهد ڪئي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو ته هي ڏينهن ملهائڻ وقت اسان کي قائداعظم محمد علي جناح جي اتحاد، ايمان ۽ نظم وضبط جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ کي مضبوط ۽ متحد رکڻ لاءِ آئين، ايٽمي پروگرام ۽ صوبن کي خودمختياري ڏني. اسان جو ويزن پاڪستان کي هڪ حقيقي جمهوري فلاحي رياست ۾ تبديل ڪرڻ آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان جي عظيم قوم اتحاد ۽ لچڪ ذريعي ماضي جي تمام وڏن چيلنجز کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏنو آهي. هن چيو ته اچو ته اڄ پاڪستان کي هڪ ترقي پسند ۽ خوشحال ملڪ بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي عزم جي تجديد ڪريون. هن چيو ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ الله تعاليٰ اسان کي هر آزمائش ۾ ثابت قدم رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 22

ڪراچي، اقرا دارالعلوم احتشاميه، انڊس ويلي، جناح يونيورسٽي فار وومين جي استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن وڏي شرڪت ڪئي، گورنر سنڌ چيو ته رمضان المبارڪ جي مهيني دوران مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۽ عام ماڻهن لاءِ گورنر هائوس ۾ افطار جو انتظام ڪيو ويو آهي. هن چيو ته عام ماڻهو گورنر هائوس ۾ افطار به ڪري سگهي ٿو ۽ پهرين ڏينهن استادن ۽ شاگردن کي دعوت ڏني وئي آهي، اهڙي طرح زندگيءَ جي ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي به دعوت ڏني ويندي. گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري رمضان المبارڪ جي پهرين ڏينهن افطاري لاءِ آيل سمورن ماڻهن کي گورنر هائوس اچڻ تي سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري پاڻ ڀليڪار ڪيو. ان موقعي تي هن افطار جي انتظامن جو جائزو ورتو. افطار ڊنر ۾ حاجي حنيف طيب سميت ٻين عالمن ۽ مدرسن جي ٻارن به شرڪت ڪئي

بقايا 23

عمران خان جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران پنجاب حڪومت بيان حلفي سميت ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرايا. فواد چوڌري پبلڪ پراسيڪيوٽر کان بيان حلفي لاءِ پڇاڻو ڪيو، جنهن تي جج ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اهو سوال پڇڻ عدالت جو حق آهي، توهان جو ناهي. ٻڌڻي دوران وفاقي حڪومت جي وڪيل 43 ڪيسن جي لسٽ ڏني جڏهن ته پنجاب حڪومت جي وڪيل 84 ڪيسن جي لسٽ فراهم ڪئي جنهن مان عمران خان خلاف 6 ڪيس پنجاب ۾ داخل آهن جڏهن ته اسلام آباد ۾ 28 ڪيس داخل آهن. وفاقي حڪومت جي وڪيل چيو ته ايف آءِ اي وٽ به درخواستگذار خلاف ڪيس آهي. جنهن تي فواد چوڌري چيو ته هو سوچي رهيو هو ته 100 ڪيس هئا پر صدي گذري وئي آهي. ٻڌڻي دوران نيب جي وڪيل تفصيل لاءِ وقت گهريو، جنهن تي عدالت اينٽي ڪرپشن ۽ نيب کي جمعي تائين رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت قرار ڏنو ته جڏهن کان پوليس رڪارڊ آيو آهي، ان حد تائين انهن ڪيسن ۾ انضباطي ڪارروائي روڪڻ جو حڪم جاري ڪيو پيو وڃي، پر تفصيل فراهم ڪرڻ تائين اينٽي ڪرپشن ۽ نيب انضباطي ڪارروائي نه ڪندا.

بقايا 24

بدران پاڪستان کي ترجيح ڏني. هن چيو ته پاڪستان کي هڪ حقيقي فلاحي رياست بڻائڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح جي رهنما اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان جو آئين اقليتي برادري کي تحفظ ۽ سمورن حقن جي ضمانت ڏئي ٿو. اقليتي معاملن واري صوبائي وزير چيو ته پاڪستان ۾ سمورين اقليتن کي پنهنجي عقيدن موجب زندگي گذارڻ جي آزادي حاصل آهي. هن چيو ته اسان کي پاڪستان جو شهري هجڻ تي فخر آهي. هن وڌيڪ چيو ته اقليتي برادري وطن عزيز جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي. تعليم، صحت، صنعت ۽ واپار جي شعبن ۾ اقليتي برادري جون خدمتون بي مثال آهن. هن چيو ته اقليتي برادري يوم پاڪستان تي تجديد عهد ڪري ٿي ته هو پاڪستان لاءِ ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائيندي ۽ ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڀرپور حصو وٺندي رهندي.

بقايا 25

سان ملهايس. اوهانکي حيراني ٿيندي ته سنڌ صوبي جي ضلعي گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ۾ روپوش ڌاڙيلن ۾ پاڪستان جا جهنڊا کڻي پاڪستان زنده باد جا نعرا هڻندي يوم پاڪستان ملهايس. گهوٽڪي پنجاب ۽ بلوچستان جو سرحدي ضلعو آهي جنهن سان سنڌو درياءَ جو ڪچو لڳي ٿو ۽ هي پٽي سنڌ توڙي پنجاب جي ڌاڙيلن لاءِ وڏي محفوظ پناهه گاهه آهي. ڀنگ لاءِ اغوا ڪرڻ جون وارداتون عام جام آهن. هتان جا ڌاڙيل ان مقصد لاءِ ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا کي به استعمال ڪن ٿا. ڌاڙيل عورتن ذريعي ماڻهن کي هرڪائي شادي جي چڪر ۾ گهرائين ٿا ته ڪي وري پلا دور، ٽريڪٽر، موٽر سائيڪل يا گاڏيون سستي اگهه تي وڪرو ڪرڻ جا فيس بڪ تي اشتهار لڳائي ماڻهن کي گهرائي اغوا ڪن ٿا.

بقايا 26

فروشي ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ تي اهلڪار امان الله، امداد علي جعفري، اطهر جوکيو، حفيظ الله لاشاري، نثار لاشاري، عرفان شيخ، شاهنواز ٿانوري، عبدالغفور، پرويز جعفري، فاروق ڀٽاڻ، سيف الله ڪوريجو ۽ ضمير شاهه جي برطرفي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. برطرف اهلڪار شڪارپور ضلعي جي مختلف ٿاڻن ۽ سي آءِ اي سينٽر تي مقرر هئا.

بقايا 27

ڪئي ويندي، پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي رمضان المبارڪ ۾ کاڌي پيتي جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ خاص ٽيمون جوڙي ڇڏيون آهن. جيڪي سڄي رمضان ۾ سرگرم رهنديون. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر سمورن کاڌ خوراڪ جو وڪرو ڪندڙن کي گذارش ڪئي آهي ته رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جو احترام ڪن ۽ عوام کي ملاوٽ کان پاڪ معياري کاڌ خوراڪ فراهم ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 28

برقرار رکڻ لاءِ بائيو ميٽرڪ سسٽم ذريعي زڪوات وٺندڙن جي تصديق جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي. هن اها ڳالهه اڄ پنهنجي سنڌ سيڪريٽريٽ آفيس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. اجلاس ۾ چيئرمين زڪوات ڪائونسل نياز علي جيس، سيڪريٽري مذهبي معاملن ۽ زڪوات ۽ عشر منور علي مهيسر، ميمبر سنڌ زڪوات ڪائونسل اشفاق علي اسران، سنڌ بئنڪ اسد علي شاهه، عمران صمد پڻ شرڪت ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار فياض علي بٽ وڌيڪ چيو ته پهرين مرحلي ۾ 46 هزار زڪوات مستحق ماڻهن کي سنڌ بئنڪ ذريعي زڪوات ڪارڊ ڏنا ويندا. اهي زڪوات ڪارڊ 10 رمضان تائين سڄي صوبي ۾ ورهايا ويندا. هن چيو ته زڪوات ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب وزيراعليٰ سنڌ هائوس ۾ ٿيندي. افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه زڪوات مستحق ماڻهن کي زڪوات ڪارڊ ڏيندو. فياض علي بٽ چيو ته زڪوات جي ورڇ کي بائيو ميٽرڪ ذريعي شفاف بڻايو ويو آهي ته جيئن صرف مستحق ماڻهو ئي زڪوات وصول ڪري سگهن.

بقايا 29

جي لاڳت سان انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻايو پيو وڃي. سائيٽ ايسوسيئيشن 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ڪراچي جي روڊن کي بهتر بڻائي رهي آهي. سائيٽ ايريا ۾ فائر اسٽيشن کي هلائڻ لاءِ ضروري گهربل عملو فراهم ڪيو ويندو، جڏهن ته سائيٽ ايسوسي ايشن ڪراچي لاءِ 2 فلائي اوور جي منظوري ڏني وئي آهي. هن اهڙن خيالن جو سائيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي دوري جي موقعي تي هڪ اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي سيڪريٽري صنعت ۽ واپار عبدالرشيد سولنگي ۽ ايم پي اي سائيٽ طارق ڪوڪر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا. سائيٽ ايسوسيئيشن جي عهديدارن صوبائي وزير کي سائيٽ تي هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت آگاهه ڪيو. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان سائيٽ ايريا ۾ روڊ ٺاهيا آهن. سنڌ جي صنعتي زونن ۾ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ لاڳت سان ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. هن چيو ته سائيٽ جي ترقياتي ڪمن ۾ سائيٽ ايسوسيئيشن جي عملدارن جي شموليت کي يقيني بڻايو ويندو. صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن، صنعتڪارن جي سهڪار کانسواءِ صوبي ۾ ترقي ممڪن ناهي. صنعت واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ حڪومت پاران واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج جو هڪ گڏيل پلان پڻ ڏنو ويو هجي. جيڪڏهن سنڌ کي ان جو حصو ڏنو وڃي ته ڪراچي جي صنعت وڌيڪ ترقي ڪندي. سنڌ سڀ کان وڏو گئس پيدا ڪندڙ صوبو آهي. گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب صنعتڪار پريشان آهن. وفاقي حڪومت ان مسئلي جي حل لاءِ قدم کڻي.

بقايا 30

صحت کاتي جي ترجمان موجب گهر ويٺي پگهارون کڻندڙ 507 ڊاڪٽرن کي شوڪاز نوٽيس به جاري ڪيو ويو. ڪجهه ڊاڪٽر پرڏيهه ۾ ويهي پگهارون کڻن پيا. ڊيوٽي تان غير حاضر رهندڙ ڊاڪٽرن کي برطرف ڪيو ويندو.

بقايا 31

خان ٽيسوري سان گڏ باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سندس مزار قائد تي حاضري ڀرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان جا دشمن هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ دهشتگردي پکيڙي رهيا آهن. پشاور ۾ جمعي جي نماز دوران مسجد تي آپگهاتي حملو ڪري نمازين کي شهيد ڪيو ويو، ڪراچي ۾ ڪي پي او آفيس تي حملو ڪيو ويو. پاڪ فوج جي برگيڊيئر مصطفيٰ ڪمال برڪي کي انگوراڏي ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٽن سيڪيورٽي اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو. هن پنهنجي عزم کي ورجايو ته اسان دهشتگردي کي هڪ ڀيرو ٻيهر شڪست ڏينداسين. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته اهل سنت والجماعت جي مولانا سليم کتري، مولانا عبدالقيوم، ماهر تعليمدان خالد رضا جو قتل ۽ اهڙا ٻيا واقعا پڻ دهشتگرديءَ جو حصو آهن. هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سندس حڪومت جي هدايتن تي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ڪابينا 15.6 ارب رپين جي رمضان پيڪيج جي منظوري ڏني آهي جنهن تحت هر ڪٽنب کي بينظير انڪم سپورٽ ذريعي 2 هزار رپيا روڪ ۽ 30 ڪلو اٽو 65 رپيا في ڪلو جي حساب سان خريداري ڪرڻ تي رعايت ڏني ويندي ۽ ٻيا گهٽ آمدني وارا ماڻهو جيڪي بينظير انڪم سپورٽ جو حصو نه آهن اهي پنهنجي اهليت ۽ تصديق لاءِ 8171 تي پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر موڪلي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا يا پاڻ کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ ويجهو بي آءِ ايس پي سينٽر تي وڃي سگهن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ذخيري تي ضابطو آڻڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪيو پيو وڃي. آرڊيننس موجب اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ، هٿرادو مهانگائي ۽ ذخيري کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اختيار روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي ڏنا ويا آهن. پاڪستان ڏهاڙي بابت ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ اسيمبلي کي مارچ 1943ع ۾ پاڪستان جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ جدوجهد سان هن ملڪ کي ٺاهيو. هن چيو ته هاڻي اها اسان جي ذميواري آهي ته هن ملڪ کي ايترو مضبوط بڻايون ته جيئن اسان جا ايندڙ نسل محفوظ ۽ سٺي زندگي گذاري سگهن. هن ڏينهن تي اسان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ياد ڪرڻ گهرجي جن هن ملڪ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. سنڌ جي وڏي وزير والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ڏاڍ جي مذمت ڪندي ڪشميري عوام کي ڀارتي قبضي خلاف جدوجهد تي خراج تحسين پيش ڪيو. مراد علي شاهه رمضان المبارڪ جي شروع ٿيڻ تي سڄي مسلمان امت خاص ڪري پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام کي مبارڪباد ڏني. هن چيو ته هي مهينو اسان کي قرباني ڏيڻ، ضرورتمند جي سهائتا ۽ غريبن جي مالي مدد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي روزي بابت تعليم تي عمل ڪرڻ گهرجي. ان کان اڳ سنڌ جي وڏي وزير باباءِ قوم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه پڙهي ۽ پاڪستان ڏهاڙي تي مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات درج ڪيا.

بقايا 32

ڪئي. جنهن دوران پنجاب حڪومت بيان حلفي سميت ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرايا. فواد چوڌري پبلڪ پراسيڪيوٽر کان بيان حلفي لاءِ پڇاڻو ڪيو، جنهن تي جج ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اهو سوال پڇڻ عدالت جو حق آهي، توهان جو ناهي. ٻڌڻي دوران وفاقي حڪومت جي وڪيل 43 ڪيسن جي لسٽ ڏني جڏهن ته پنجاب حڪومت جي وڪيل 84 ڪيسن جي لسٽ فراهم ڪئي جنهن مان عمران خان خلاف 6 ڪيس پنجاب ۾ داخل آهن جڏهن ته اسلام آباد ۾ 28 ڪيس داخل آهن. وفاقي حڪومت جي وڪيل چيو ته ايف آءِ اي وٽ به درخواستگذار خلاف ڪيس آهي. جنهن تي فواد چوڌري چيو ته هو سوچي رهيو هو ته 100 ڪيس هئا پر صدي گذري وئي آهي. ٻڌڻي دوران نيب جي وڪيل تفصيل لاءِ وقت گهريو، جنهن تي عدالت اينٽي ڪرپشن ۽ نيب کي جمعي تائين رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت قرار ڏنو ته جڏهن کان پوليس رڪارڊ آيو آهي، ان حد تائين انهن ڪيسن ۾ انضباطي ڪارروائي روڪڻ جو حڪم جاري ڪيو پيو وڃي، پر تفصيل فراهم ڪرڻ تائين اينٽي ڪرپشن ۽ نيب انضباطي ڪارروائي نه ڪندا.

ثقافتي سر ساز چنگ جي لوڪ فنڪار حاڪم سولنگي پاران پرگهور لهڻ جو مطالبو

پنهنجي جوهر سان چنگ وڄائڻ جي مهارت تي ثقافت کاتي کان پرگهور لهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

هزارين چنگ وڄائيندڙ لوڪ فنڪار پنهنجي مدد پاڻ تحت هن فن کي عام ڪري رهيا آهن: حاڪم سولنگي

دعوتن باوجود پهچڻ جي سگهه نه هجڻ جي ڪري مون سميت اڪثر فنڪار منظر عام تي اچي نه سگهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (بر مظفر علي بروهي) سنڌ جي ثقافتي سر ساز چنگ جي لوڪ فنڪار حاڪم سولنگي پنهنجي جوهر سان چنگ وڄائڻ جي مهارت

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه وڏي عرصي کان پوءِ تيار ٿيندڙ وارهه کان حمل روڊ جو ڪم ڪرپشن جي ور چڙهي ويو

انتظاميه جي نااهلي ۽ ڪرپٽ ٺيڪيدار سبب روڊ جي مرمت ۾ ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ لڳو

ميٽيريل استعمال ٿيڻ سبب روڊ ٿوري عرصي ۾ اکڙي ويندو ۽ خرچ ٿيل پئسو پڻ زيان ٿي ويندو

ٺيڪيدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪم تسلي بخش ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه وڏي عرصي کان پوءِ تيار ٿيندڙ وارهه کان حمل روڊ جو ڪم ڪرپشن جي ور چڙهي ويو انتظاميه جي نااهلي

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سيتا روڊ ۾ 61 هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو جي بند پيل ٽرينن لاءِ احتجاج

دادو ۾ سيتا سرجهٽهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو

عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي: مظاهرين

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ ۾ اڄ 61 هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ريلوي ٽريڪ تي گذريل 8 مهينن کان بند پيل مسافر ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرجهٽهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو. احتجاجي مظاهري ۾ مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

حڪمرانو
لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي
لائين تي ٽرينون هلايو
سيتا سرجهٽهار فورم

وارهه يوٽيلٽي اسٽور غريب عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل سبسڊي واريون شيون اڻلڀ ٿي ويون

گڏهه گاڏو هلائي پيٽ گذر ڪندڙ مزدور مختيار چنو طرفان يوٽيلٽي اسٽور اڳيان احتجاج

هي سرڪاري اسٽور يارنهن وڳي کهڙي حساب سان کلي ٿو، سخت پريشان آهيون: شهري

وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته يوٽيلٽي اسٽور واري کي ٽائيم جو پابند ڪيو وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه يوٽيلٽي اسٽور غريب عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل سبسڊي واريون شيون اڻلڀ ٿيو ۽ بيون شيون اڻ لڀ غريب

/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بقايا سنڌيار 01

پورهيت مزدور طبقو سامان وٺڻ لاءِ سخت پريشان گڏهه گاڏو هلائي پيٽ گذر ڪندڙ مزدور مختيار چنو طرفان يوٽيلٽي اسٽور اڳيان احتجاج ان موقعي تي هن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته يوٽيلٽي اسٽور وارا پنهنجي من ماني هلائي رهيا آهن هن مهل يارنهن ٿيڻ وارا آهن پر اسٽور نه کليو آهي. جڏهن ته سرڪاري هر اداري جو ٽائيم 9 بجه آهي ته هي سرڪاري اسٽور يارنهن وڳي کهڙي حساب سان کلي ٿو صبح کان ٽي چار چڪر ڪاٽيا آهن سامان وٺڻ لاءِ پريشان آهيون شام جو اچون ٿا ته به سامان نه پيو ملي چون ٿا ته کپي ويو يا ڪرنهي ڪومان غريب پورهيت گڏهه گاڏو هلائي ڏهين وڳي ٻچڙن جي گذر سفر جو سودو سامان وٺي گهر ويندو آهيان ان کان پوءِ رڌ پچاءُ ٿيندو آهي هن مختيار ڪار وارهه اي سي وارهه ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته يوٽيلٽي اسٽور واري کي ٽائيم جو پابند ڪيو وڃي ۽ دڪاندارن کي مال ڏيڻ بند ڪرائي غريب مسڪينن کي رليف ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 02

حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا محمد ملاح، امجد علي ڪوسو سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي، سيتا سرجهٽهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلويز اختيارين پاران ٽرانسپورٽ مافيا جي ڳٺ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 03

۽ ڪرپٽ ٺيڪيدار سبب روڊ جي مرمت ۾ ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ لڳو پراڻيون سرون اڳي روڊ واريون ٻيهر استعمال ٿيڻ سان گڏ روڊ تي پيل مٽي به نه پئي هٽائي وڃي ان کان علاوه پراڻي روڊ کي اسڪريچ پڻ ناهن ڏنا ويا جنهن سبب علائقي واسين ۾ مايوسي ڇانئيل آهي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هي روڊ اسان جي اڌ عمر گذري وڃڻ بعد تعمير ٿي رهيو آهي پر روڊ جو ڪم ڪرپشن سبب رولهڙي جو شڪار آهي ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ سبب هي روڊ ٿوري عرصي ۾ اکڙي ويندو ۽ خرچ ٿيل پئسو پڻ زيان ٿي ويندو هنن انتظاميه انتظاميه اعلي عدليا نيب اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي نااهل ڪرپٽ ٺيڪيدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري روڊ جو ڪم تسلي بخش ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ عوامي پئسي جو احتساب ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

تي ثقافت کاتي کان پرگهور لهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي . ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ چنگ جي لوڪ فنڪار حاڪم سولنگي پنهنجي مهارت سان چنگ وڄائڻ جو جوهر ظاهر ڪندي چيو ته چنگ وڄائڻ سنڌ جو ثقافتي فن آهي جنهن ۾ چنگ وڄائڻ لاءِ تمام گهڻي محنت جستجو جي ضرورت هوندي آهي . هن خاص فن جي سکيا جو سنڌ ۾ ثقافت کاتي طرفان ڪو به مرڪز قائم نه ڪرڻ باوجود سنڌ جا هزارين چنگ وڄائيندڙ لوڪ فنڪار پنهنجي مدد پاڻ تحت هن فن کي عام ڪري رهيا آهن پر افسوس آهي ته اسان جي سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي طرفان هن فن طرف ڪو به توجه نه ڏنو ويو آهي . هي فن صرف خاص پروگرامن تائين محدود آهي غريب خاندان سان تعلق هجڻ ڪري اسلام آباد ، ڪراچي ، حيدرآباد سميت سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين صوبن مان ثقافتي پروگرامن جي مليل دعوتن باوجود پهچڻ جي سگهه نه هجڻ جي ڪري مون سميت اڪثر فنڪار منظر عام تي اچي نه سگهيا آهن . جنهن لاءِ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کي چنگ وڄائيندڙ فنڪارن کي نه صرف معاوضو ادا ڪرڻ گهرجي پر سندن فن جي دنيا ۾ کين سکيا جا موقعا فراهم ڪرڻ جو به بندوبست ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ فنڪارن جي سهائتا لاءِ سنڌ حڪومت جي صوبائي بجيٽ ۾ رکيل فنڊ فنڪارن کي ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

جنرل سيڪريٽري عاصم علي صديقي، جوائنٽ سيڪريٽري مولا بخش جوکيو اطلاعات سيڪريٽري ستار درس، آفيس سيڪريٽري علي شير ملاح، خزانچي علي حيدر ڪڏائي، ضلعي صدر يوٿ علي رضا ڪڏائي، نائب صدر يوٿ شاهزيب بلوچ، سينئر نائب صدر يوٿ شهريار قريشي، جنرل سيڪريٽري يوٿ ارباز قريشي جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته 23 مارچ 1947 ۾ قرارداد پاڪستان پاس ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسانجو پيارو پاڪستان وجود ۾ آيو جنهن ۾ اسان جي قائد قائداعظم محمد علي جناح جن جون وڏيون قربانيون شامل آهن. جن اسان کي پاڪستان آزاد ڪرائي ڏنو اسان جي دعا آهي ته اسانجو پيارو ملڪ پاڪستان هميشه خوشحال ۽ سلامت رهي، هنن آخر ۾ پاڪ فوج کي سلام پيش ڪندي چيو ته پاڪستان آهي ته اسين آهيون. پاڪستان جي بقاءَ پاڪ فوج آهي، جنهن سان اسان گڏ آهيون ۽ گڏ رهنداسين.

بقايا سنڌيار 06

جمع ٿيڻ باوجود ميونسپل جي عملي طرفان برساتي پاڻي نيڪال ٿي نه سگهيو . شهرين جي عام زندگي متاثر رهي. جڏهن ته برسات پوڻ سان فصلن کي ڪاپاري نقصان رسيو.

بقايا سنڌيار 07

